سال (18) چنڇر 25 اپريل 2026ع 07 ذوالقد 1447ھ صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (213)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنڇر 25 اپريل 2026ع 07 ذوالقد 1447ھ صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (250)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Saturday 26th April 2026
سال (18) چنڇر 25 اپريل 2026ع 07 ذوالقد 1447ھ صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (213)

ايران سان فوري طور معاهدو ڪري سگهان ٿو، جيڪو هميشه لاءِ قائم رهي، بهتر موقعو ڏئي رهيا آهيون: صدر ٽرمپ

ايران سان ڊيل جي صورت ۾، آبنائي هرمز کوليو ويندو، آمريڪا هن اهم رستي کي کولڻ لاءِ تيار آهي ۽ ايران سان فوري طور تي معاهدو پڻ ممڪن آهي: آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ

آبنائي هرمز جي بندش ايران جي معيشت کي متاثر ڪري رهي آهي ۽ ان کي پنهنجون ڪاروباري سرگرميون جاري رکڻ جي قابل نه ڇڏي رهي آهي، ايراني قيادت بابت غيريقيني صورتحال آهي

ايران ۾ 75 سيڪڙو تائين مقصد حاصل ڪيا ويا آهن، جيتوڻيڪ ايران ٻن هفتن جي جنگ بندي دوران ڪجهه حد تائين پنهنجي فوجي صلاحيت بحال ڪري چڪو آهي

آمريڪي فوج هڪ ڏينهن ۾ ان کي ٻيهر ختم ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي، ايران سان هڪ ڊگهي مدي جو امن معاهدو چاهيون ٿا، تنهن ڪري ڪنهن به معاهدي ۾ جلدي نه ڪئي ويندي

واشنگٽن (مر ڏ) آمريڪي صدر ٽرمپ چيو آهي ته هو ايران سان ڪنهن به ڊيل ۾ جلدي نه ڪندو ۽ هڪ مستقل معاهدو چاهي ٿو جيڪو هميشه لاءِ قائم رهي، هن چيو ته ايران سان ڊيل جي صورت ۾، آبنائي هرمز کوليو ويندو وائيٽ هائوس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي، صدر ٽرمپ آبنائي هرمز تي مڪمل ڪنٽرول جو دعويٰ ڪيو ۽ چيو ته آمريڪا هن اهم رستي کي کولڻ لاءِ تيار بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

اسرائيل ۽ لبنان وچ ۾ جنگ بندي ۾ ٽن هفتن جي واڌ جو اعلان

اها اڳڀرائي اوول آفيس ۾ اسرائيلي ۽ لبناني اختيارين ۾ ملاقات ڪانپوءِ ڪئي وئي

واشنگٽن (اي پي پي) اسرائيل ۽ لبنان وچ ۾ جنگ بندي ۾ ٽن هفتن جي واڌ جو اعلان ڪيو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پاڪستان پاران سلامتي ڪائونسل سنڌ طاس معاهدو بحال ڪرائڻ جو مطالبو

معاهدي جي معطلي سان خطي ۾ 240 ملين کان وڌيڪ ماڻهن لاءِ انساني بحران پيدا ويندو

ڀارت کي پاڻي جي معاهدي تي مڪمل عمل، ڊيٽا شيئرنگ ۽ سهڪار بحال ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي

گڏيل قومون (اي پي پي) پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل کان مطالبو ڪيو آهي ته هو ڀارت پاران 1960ع جي تاريخي سنڌ طاس معاهدي جي معطلي جو بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڪراچي جو پوليس چيف اي آءِ جي آزاد خان گورنر هائوس ۾ سنڌ جي گورنر نهال هاشمي سان ملاقات ڪري رهيو آهي

وفاقي گهرو وزير پاران خيبر ۾ فتنه الخوارج جي دهشتگردن خلاف ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پهلگام فالس فليگ، پاڪستاني فضائي حدن جي بندش ڀارت لاءِ وڏو معاشي نقصان ثابت

اسلام آباد (اي پي پي) پهلگام فالس بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ 26 روپيا 77 پئسن جي واڌ، پيٽرول 393 روپيا 35 پئسا ليٽر ٿي ويو

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) وفاقي حڪومت پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ وري واڌ بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ پوليو جي خاتمي لاءِ خصوصي پوليو مهم 11 کان 24 مئي تائين هلندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي وزير صحت مصطفيٰ ڪمال سان ايمرجنسي آپريشنز سينٽر سنڌ جي ڪوآرڊينيٽر ملاقات ڪئي آهي. ملاقات دوران مصطفيٰ ڪمال کي سنڌ ۾ پوليو جي خاتمي لاءِ ڪيل بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

بڪنگ آفيسن کي ڊي سيل ڪرڻ بابت درخواستون رد

عدالت غيرقانوني پارڪنگ ۽ قبضا فوري ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو

سرڪاري زمين کي واپاري مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جو ڪو به قانوني حق ناهي

ڊگهي عرصي تائين زمين جو استعمال ڪرڻ سان ڪو قانوني حق پيدا نٿو ٿئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ / آئيني بينچ ايئر ناڻن موٽروي تي قائم مسافر بسن جي بڪنگ آفيسن کي سيل بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

پاڪستان گڏيل عرب امارات کان قرض طور ورتل سموري رقم واپس ڪري ڇڏي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان گڏيل عرب امارات طرفان ڊپازٽ طور ڏنل سموري رقم واپس ڪري ڇڏي آهي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ورڪرز ويلفيئر بورڊ گورننگ باڊي جي ڪجهه ميمبرن وارو نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار

سعيد غني، آصف حيدر شاهه ساجد جمال ابڙو، محمد صالح جماڻي جا نالا شامل

سيريل نمبر 7 کان 10 تائين لاڳو ٿيندڙ نوٽيفڪيشن ايندڙ ٻڌڻي تائين معطل رهندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ عدالت ورڪرز ويلفيئر بورڊ جي گورننگ باڊي ڪجهه ميمبرن واري بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: چيئرمين ڪراچي پورٽ گورنر نهال هاشمي کي شيلڊ ڏيندي

ڪراچي جي ڊسٽرڪٽ سينٽرل ۾ ٻن پوليس مقابلن دوران ٻه جوابدار مارجي ويا

مارجي ويلن مان هڪ جونالو ذيشان محمود ۽ ٻئي جو رشيد محمود آهي: پوليس

جوابدار اسٽريٽ ڪرائيم ۽ موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي وارداتن ۾ ملوث هئا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ڊسٽرڪٽ سينٽرل ۾ ٻن مبينہ پوليس مقابلن دوران ٻه جوابدار مارجي ويا آهن ايس بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ملير ضلعي ۾ سرڪاري ڪتابن جي گم ٿيڻ واري ڪيس ۾ فرد جرم لاڳو

ڊي اي او ملير امتياز حسين انڙ ۽ ٻين جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ڪئي وئي

ڊي اي او ۽ ٽي اي او جي رپورٽن ۾ 93,710 ڪتابن جو وڏو فرق ظاهر ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسپيشل جج اينٽي ڪرپشن محمد امين الله صديقي جي عدالت ملير ضلعي ۾ سرڪاري اسڪولن لاءِ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٻيهر ڳالهين لاءِ وفدن جي اسلام آباد آمد، نائب وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل سان اهم رابطا

پاڪستاني ٽيڪنيڪل ٽيم سان ڳالهين جي نتيجي ۾، آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين جو ٻيو دور جلد شروع ٿيڻ جو امڪان، عباس عراقچي هڪ مختصر ٽيم سان گڏ اڄ اسلام آباد پهچندو

آمريڪا-ايران ڳالهين جي ٻئي مرحلي ۾ ڪنهن وڏي اڳڀرائي جو امڪان. ايران جي پرڏيهي وزير جا پاڪستان جي سياسي ۽ عسڪري قيادت سان رابطا، خطي جي صورتحال تي ڳالهيون

عباس عراقچي پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير سان ڌار ڌار ڳالهه ٻولهه ڪئي، جنگ بندي بابت معاملن تي پڻ تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ فوري اڳڀرائي لازمي آهي (نائب وزيراعظم اسحاق ڊار) عباس عراقچي پاڪستان جي تعميري ۽ هاڪاري ڪردار جي واکاڻ ڪئي ۽ رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو

اسلام آباد/تهران/ واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران سان ڳالهين لاءِ آمريڪي وفد جو اڄ واشنگٽن کان اسلام آباد روانو ٿيڻ جو امڪان آهي ذريعن موجب، پاڪستاني ٽيڪنيڪل ٽيم سان ڳالهين جي نتيجي ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين جو ٻيو دور جلد شروع ٿيڻ جو امڪان آهي ان کان اڳ پاڪستاني حڪومتي ذريعن طرفان ڄاڻايو ويو هو ته ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

لاهور: ماحولياتي تبديلي وارو وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ مينيجمينٽ ڪورس مڪمل ڪندڙ عملدارن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائي رهيو آهي

خيبر ضلعي ۾ گڏيل ڳجهي اطلاع جي بنياد تي آپريشن ۾ 22 دهشتگرد مارجي ويا

آپريشن دوران شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هندستان جي اسپانسرڊ فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ 22 خوارجين کي ماريو ويو

نتيجي ۾ 10 سالن جو معصوم ٻار به شهيد ٿي ويو، مارجي ويل ڀارتي اسپانسرڊ خوارجين وٽان هٿيار، گولا بارود پڻ هٿ آيو

اسلام آباد (اي پي پي)سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان ضلعي خيبر ۾ خوارجين جي موجودگي جي اطلاع تي 21 اپريل 2026ع تي هڪ گڏيل ڳجهي اطلاع جي بنياد تي آپريشن ڪيو بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت ۾ ڪراچي ۾ حد دخلين بابت ڪيس ٻڌڻي لاءِ مقرر

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت ۾ ڪراچي ۾ حد دخلين جي خاتمي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سرڪاري آفيسر فيصلاسازي ۾ شاهدين تي ٻڌل طريقيڪار اختيار ڪن: مصدق ملڪ

سول سروس ملڪ جو هڪ انتهائي باصلاحيت ۽ مقابلي جي عمل مان گذري ايندڙ ادارو آهي

لاهور (اي پي پي) موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ سرڪاري آفيسرن تي زور ڀريو آهي ته هو فيصلا سازي ۾ شاهدين تي ٻڌل طريقيڪار کي اختيار ڪن ۽ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ايراني قوم جي اتحاد دشمن ۾ ڏار وجهي ڇڏيا آهن: سپريم ليڊر

ايران جي قوم دشمن کي سنڌس ناپاڪ مقصدن ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏني

هي بي مثال ٻڌي اهڙن عنصرن کي ناڪارا ڪري ٿي، جيڪي ايران کي ڪمزور ڪرڻ چاهين ٿا

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني سپريم ليڊر آيت الله مجتبيٰ خامنه اي ايراني قوم جي غير معمولي اتحاد کي ڀيٽا پيش بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سالڊويسٽ مئنيجمينٽ جي نظام کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ جديد مشينري متعارف ڪرائڻ جي هدايت

لينڊ فل سائيٽ تي ليزر ريڊر ڊيوائس استعمال ڪيو وڃي جنهن سان ڪچري جي درجي بندي ۽ منظم معلومات حاصل ٿينديون: ناصر شاهه

"صاف سٿري ۽ صحتمند سنڌ" چيئرمين بلاول ڀٽو جو ويزن آهي ۽ ان ويزن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورن ادارن کي گڏجي اپاءَ وٺڻا پوندا

ڪشمور-ڪنڌڪوٽ، لاڙڪاڻو ڪوٽ ڏيجي، نوابشاهه، سيوهڻ، ملڪيار (حيدرآباد)، عمرڪوٽ ۽ ڏاهيجي ۾ لينڊفل سائيٽس جي تجويز

انجنيئرڊ سينيٽري لينڊ فل سائيٽ جلد فعال ٿي ويندي، منصوبي جي تڪميل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني ادارن واري کاتي جي وزير سيد ناصر حسين شاهه سان چيني وفد جي ملاقات دوران شهر ۾ صفائي سٿرائي ويسٽ مئنيجمينٽ ۽ شهري سهولتن جي بهتري بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پرڏيهي وزير اسحاق ڊار جي روس جي پرڏيهي وزير سان فون تي ڳالهه ٻولهه

ٻنهي اڳواڻن عالمي امن ۽ سلامتي جي حمايت ۾ ٻطرفن لاڳاپن تي تعاون کي ساراهيو

سرگئي لاروف کي پاڪستان جي دوري جي دعوت، ٻنهي ڌرين رابطي ۾ رهڻ تي به اتفاق ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي)نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڪالهه روسي فيڊريشن جي پرڏيهي وزير سرگئي لاروف سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي، پرڏيهي آفيس موجب ٻنهي اڳواڻن بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ڪتابن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان سنڌ ميوزم ۾ لڳل ڪتابن جي اسٽالن تان ماڻهو خريداري ڪري رهيا آهن

پاڪستان علائقائي ۽ عالمي امن لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري کي هٿي ڏئي رهيو آهي: وزيراعظم

ڳالهه رخي ۽ امن لاءِ سفارتڪاري جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پاڪستان حڪومت گڏيل قومن جي چارٽر جي اصولن موجب ڳالهين، تعاون ۽ تڪرارن جي پرامن حل لاءِ پنهنجي پختي عزم کي ورجايو آهي

عالمي برادري کي پيچيده سيڪيورٽي چئلينجز اڏو آهن، پاڪستان علائقائي ۽ عالمي امن ۽ سلامتي لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي رستي کي هٿي ڏئي رهيو آهي،

پاڪستان گڏيل قومن جي چارٽر سان پنهنجي مستقل وابستگي، امن جي خواهش ۽ عالمي تعاون جي رهنمائي ۾ اخلاقن جي خاتمي ۽ علائقائي ۽ عالمي امن کي هٿي ڏيڻ لاءِ تعميري ڪردار ادا ڪندو رهندو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف گڏيل قومن جي چارٽر جي اصولن موجب ڳالهين ۽ تعاون کي هٿي ڏيڻ ۽ تڪرارن جي پرامن حل لاءِ پختي عزم کي ورجائيندي چيو آهي ته پاڪستان علائقائي ۽ عالمي امن ۽ سلامتي لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي رستي کي هٿي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ٻولهاڙي جي ويهه کان مٿي ڪالونين ۾ پاڻي جي هٿرادو کوٽ خلاف خدا جي بستي ۾ احتجاج

انتظاميا چاڻي واڻي لاپرواهي اختيار ڪري ويٺي آهي، جنهن سبب هٿرادو پاڻي جي کوٽ پيدا ڪري ٽينڪر مافيا کي فائدو ڏنو پيو وڃي: اڳواڻ

جيڪڏهن فوري طور پاڻي جون لائينون بحال نه ڪيون ويون ۽ ٽينڪر مافيا خلاف ڪارروائي نه ٿي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي ايئر سي ٻولهاڙي جي ويهه کان مٿي ڪالونين ۾ پاڻي جي هٿرادو کوٽ ٽينڪر مافيا جي ظلم ڏاڍاڻين ۽ انتظاميا جي نا اهلي خلاف پاڪستان نوجوان تحريڪ پاران بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پ پ پ جو اعليٰ سطحي اجلاس، بلاول صدارت ڪئي

اجلاس ۾ ملڪ جي بدلجندڙ سياسي صورتحال ۽ عوامي مسئلن تي غور ڪيو ويو

سنڌ ۽ بلوچستان ۾ موجود سماجي ۽ معاشي چئلينجن تي خاص ڌيان ڏنو ويو

قيادت علائقائي ترقياتي ضرورتن بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي (اي پي پي) جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اڄ بلاول هائوس ۾ پارٽي جي سينيئر قيادت سان اهم ۽ حڪمت عملي تي ٻڌل اجلاس جي صدارت ڪئي، جنهن ۾ ملڪ جي بدلجندڙ سياسي صورتحال ۽ عوامي مسئلن تي غور ڪيو ويو اجلاس بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

لاهور: هڪ ٻارڙي برف مان ٺهيل گولو گنڊو کائي رهي آهي

پهلگام فالس فليگ دوران ايڏمي تڪرار جي ڪوشش ڀارتي ميڊيا جو چهرو بي نقاب ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) پهلگام فالس فليگ ڪاڻيءَ ڀارتي ميڊيا جو ڊبل اسٽينڊرڊ، بيانيي ۽ هٽ ڌرمي پروپيگنڊا جي انتها ڪري ڇڏي، مودي جي مرضي تي ڀارتي ميڊيا پهلگام فالس فليگ جي فوري بعد بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

پشاور: هينڊي ڪرافٽس جي هڪ دڪان تي واپاري ڪاٺ مان ٺهيل مختلف ڊيڪوريشن پيس سجائي رهيو آهي

سنڌ صوبي ۾ ڊينگي ۽ مليريا جي ڪيسن ۾ نمايان گهٽتائي

1 جنوري کان 23 اپريل تائين ڪراچي ۾ ڊينگي جا 183 تصديق ٿيل ڪيس رپورٽ ٿيا

ضلعي ايسٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ 66، ڪراچي (ڏکڻ) ۾ 39 ۽ وچ ضلعي ۾ 38 ڪيس رپورٽ ٿيا

حيدرآباد ۾ 18، ميرپورخاص ۾ 9 ڪيس رپورٽ، لاڙڪاڻي ۾ ڪو به ڪيس سامهون نه آيو

صوبي ۾ 7 لک ماڻهن جي اسڪريننگ ڪئي وئي، 26 هزار 59 ڪيس مثبت نڪتا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صحت کاتي سنڌ صوبي ۾ ڊينگي ۽ مليريا جي صورتحال بابت تازيون رپورٽون جاري ڪري ڇڏيون آهن جن موجب ڊينگي جي ڪيسن ۾ نمايان گهٽتائي جڏهن ته مليريا جا هزارين ڪيس سامهون آيا آهن ڊائريڪٽوريٽ جنرل هيلٿ سروسز (VBD) جي انگن اکرن بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ايف آءِ اي جي ملير ۾ ڪارروائي، پابندي مڙهيل "بوسٽن" انجيڪشن تيار ڪندڙ گروهه گرفتار

ٻينس ڪالوني مان چار جوابدار گرفتار ڪيا ويا، گرفتار ٿيلن ۾ ڊاڪٽر اسلان، يونس امداد ۽ ڪاشف شاهه سميت ٻيا شامل

بوسٽن انجيڪشن تي جنوري 2012ع ۾ سپريم ڪورٽ پابندي لڳائي هئي، جو ته اها دوا انسانن ۽ جانورن ٻنهي لاءِ انتهائي نقصانڪار آهي

انجيڪشن سان جانورن جي عمر متاثر ٿئي ٿي، وڌيڪ کير حاصل ڪرڻ سبب سندن عضوا ڪمزور ٿي وڃن ٿا ۽ ڪينسر سميت مختلف بيماريون پيدا ٿين ٿيون

ڪراچي (رپورٽ : راهب گهاڙو) فيڊرل انويسٽيگيشن ايجنسي (ايف آءِ اي) ملير ۾ ڪارروائي ڪندي پابندي مڙهيل "بوسٽن" انجيڪشن تيار ڪندڙ گروهه کي گرفتار ڪري ورتو ڊپٽي ڊائريڪٽر ايف آءِ اي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سکر: سردار علي گوهر مهر جرڳي جو فيصلو ٻڌائي رهيو آهي

7 نڪاتي ايجنڊا تحت ڪوٽڙي ۾ ايس ٽي پي پاران احتجاجي ريلي

اسٽيشن روڊ کان احتجاجي ريلي ڪڍي المدينا چوڪ تي ٽنهن امن ۾ ڌرڻو هنيو ويو

نمائندن جي لاپرواهي ۽ ڪامورن جي ڪرپشن سبب ضلعو مسئلن جو ڳڙهه بڻجي ويو آهي

سورن اسڪولن کي تالا لڳي ويا آهن، جيڪي اسڪول هلي رهيا آهن انهن ۾ سهولتون ناهن

سخت گرمي ۾ بجلي جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب عذاب هيٺ آهيون

ڪوٽڙي (ن ع) جامشورو ضلعي اندر منشيات جي وڪري آزان بند پيل اسڪولن کي ڪولرائڻ اسپتالن ۾ سهولتن جي کوٽ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو، ٻن زخمين سميت چار ملزم گرفتار

ملير سٽي پوليس ملير سٽي جي پاون شاهه مزار ويجهو مبينا مقابلي کان پوءِ هڪ ڦورو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

شاهراهه نور جهان پوليس خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات نارٿ ناظم آباد عبدالله ڪاليج ويجهو مبينا مقابلي ۾ هڪ ڦورو کي ماري ڇڏيو

ناظم آباد ۾ جهانگير آباد نديءَ جي ڪناري تي مبينا مقابلي ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو، لاش کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو، ٻن زخمين سميت چار ملزم گرفتار ڪيا ويا، ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب ملير سٽي پوليس خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات ملير سٽي جي پاون شاهه مزار ويجهو مبينا مقابلي کان پوءِ هڪ ڦورو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ملزم کي ايڌي ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جنهن جي سڃاڻپ 23 سالن جي علي احمد ولد محمد عارف جي نالي سان ٿي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سول اسپتال سکر ۾ اپريل جي 20 ڏينهن دوران 32 مريضن مان 20 ۾ ايڊز جي تصديق

گذريل سال 1469 مريضن جون ٽيسٽ ڪيون ته 204 ماڻهن ۾ ايڊز جي تصديق ٿي: ڊاڪٽر رابيل پگٽ

عوام کي فوري طور تي پاڻ جي ٽيسٽ ڪرائڻ ۽ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۽ آس پاس جي علائقن ۾ ايڇ آءِ وي/ايڊز هڪ خطرناڪ صورتحال بڻجي چڪو آهي سکر سول اسپتال ۾ ايڇ آءِ وي/ايڊز لاءِ وقف او پي ڊي جي انگن اکرن موجب، سول اسپتال بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلا پاليسي ۾ مقرر شرط پي ايم ڊي سي جو اختيار قرار

قانون تحت پي ايم ڊي سي کي داخلا پاليسي ۽ معيار مقرر ڪرڻ جو اختيار حاصل آهي: عدالت

ميڊيڪل تعليم هڪ مقدس پيشو آهي، جنهن ۾ ميرٽ تي ڪو به سمجهوتو نٿو ٿي سگهي

سنڌ پرائيويٽ ايجوڪيشنل انسٽيٽيوشنز رولز 2005 تحت نجي ادارن لاءِ 10 سيڪڙو شاگردن کي مفت تعليم ڏيڻ لازمي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلا لاءِ ايم ڊي ڪيٽ جي گهٽ ۾ گهٽ نمبرن جي شرط خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي ٿي، عدالت درخواست رد ڪندي داخلا پاليسي ۾ مقرر شرط کي پي ايم ڊي سي جو اختيار قرار ڏئي ڇڏيو. عدالت چيو ته قانون تحت پي ايم ڊي سي کي داخلا پاليسي ۽ معيار بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

گورنر نهال هاشمي سان چيئرمين ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي ملاقات

ميري ٽائيم شعبي جي ترقي ۽ سيڙپڪاري بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ

بلو اڪانومي ذريعي روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪري سگهجن ٿا: گورنر

ريٽائرڊ ايڊمرل (ر) شاهد احمد گورنر کي بلو اڪانومي بابت جاري قدمن تي بريفنگ ڏني

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي سان چيئرمين ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ريٽائرڊ ايڊمرل (ر) شاهد احمد گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي جنهن ۾ بلو اڪانومي جي هٿي، سامونڊي وسيلن جي مؤثر استعمال، پاڪستان ۾ ميري ٽائيم شعبي جي ترقي ۽ سيڙپڪاري جي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سنڌ ميوزم ۾ نمائش جي موقعي تي شاگرديائيون چڪ تي مٽيءَ مان ٿانو ٺاهڻ سکي رهيون آهن

سکر: آءِ بي اي يونيورسٽي سکر ۾ وائيس چانسلر هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي چيئرمين کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

وومين پروٽيڪشن سيل لاڙڪاڻو جي ڪارروائي ۾ نينگري بازياب

شڪارپور ضلعي جي علائقي وزيرآباد مان 14 سالن جي نينگري سائرا کي بازياب ڪرايو ويو

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) ضلعي شڪارپور جي تعلقي لکي غلام شاهه جي ڳوٺ وزيرآباد حال رهائش پذير ضلعي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي سائيٽ پوليس جي ڪارروائي، منشيات ڀريل گاڏي هٿ

آلو ڀريل مزدا گاڏي مان 150 ٻورن مان 1500 ڪلو منشيات (ڇورو) برآمد

جوابدار محمد جبران ولد محمد حسين پٺاڻ کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي سائيٽ پوليس ڪارروائي ڪندي لکين روپين ماليت جي منشيات بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ هڪ ڄڻو قتل، چار لاش مليا، 6 ڄڻا فوت ٿي ويا

معين آباد ڪاڪخاڻا جي ويجهو ٻن ڌرين جي وچ ۾ جهيڙي جي دوران گوليون لڳڻ سبب 45 سالن جو منير احمد قتل ٿي ويو

ليارڙي جي علائقي ماڙيپور روڊ تي ٻوهڙ اسٽاپ جي ويجهو گٽر مان 53 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو

صدر پلازا، حد بلديا ٽائون نمبر 9 ۽ نيو ڪراچي سيڪٽر 11 مان اڻ سڃاتل فردن جا لاش مليا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ هڪ ڄڻو قتل چار لاش مليا سميت 6 ڄڻا فوت بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

گل پلازا جي متاثر واپارين ۾ چيڪن جي ورهاست، ڪميشن جي رپورٽ تي مڪمل عمل جي خاطري

وڏي وزير ۽ صوبائي وزيرن متاثرن ۾ چيڪ ورهايا ۽ ڪين يقين ڏياريو ته اينٽري ٿي لنڪ ۾ دڪانن تي مشتمل نئين گل پلازا عمارت ٻن سالن اندر تعمير ڪئي ويندي

متاثرن لاءِ 7 ارب روپين جي مالي پيڪيج جي منظوري ڏني، جنهن مان 5.657 ارب رپيا حاصل ڪيا ويا آهن ۽ 200 متاثرن ۾ 511.7 ملين روپين جا معاوضي وارا چيڪ ورهايا ويا آهن: وڏو وزير

پهرين مرحلي ۾ 72 فوت ٿيل ماڻهن جي خاندانن لاءِ في فرد 10 ملين رپيا معاوضي جو اعلان ڪيو ويو هو. 64 ڪيسن ۾ ادائگيون مڪمل ٿي چڪيون آهن جڏهن ته چار تصديق جي مرحلي ۾ آهن

ٻئي مرحلي ۾ 849 متاثر دڪاندارن کي رمضان دوران فوري رليف طور 500000 رپيا في واپاري فراهم ڪيا ويا ته جيئن ڪين پنهنجو روزگار ٻيهر شروع ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي

ڪميشن رپورٽ ۾ جنهن کي به ذميوار قرار ڏنو ويو آهي ان کي ڪارروائي جو منهن ڏسڻو پوندو، 90 سيڪڙو کان وڌيڪ نتيجا انهن خدشن جي عڪاسي ڪن ٿا جن جي نشاندهي حڪومت ڪئي هئي

ڪراچي (رپورٽ : راهب گهاڙو) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه اعلان ڪيو آهي ته سنڌس حڪومت گل پلازا سانحي جي متاثرن لاءِ 7 ارب روپين جي جامع مالي پيڪيج جي منظوري ڏني جنهن مان بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه گل سانحي جي متاثر واپارين ۾ چيڪ ورهائيندي

وزيراعليٰ سنڌ پاران فورسز جي ڪامياب ڪارروائي تي قوم کي مبارڪباد

خيبر ۾ 22 خوارج جي هلاڪت فورسز جي مؤثر حڪمت عملي جو نتيجو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

عظيم پوره فلائي اوور 90 ڏينهن ۾ مڪمل ٿي ويندو: وڏو وزير

پهلوان ڳوٺ روڊ، نٿا خان ڳوٺ روڊ، شاهراهه فيصل گلشن روڊ جو ڪم جاري آهي

تاريخي مارڪيٽن جي بحالي جاري آهي، ڪجهه منصوبا تڪميل ويجهو آهن

شاهراهه ڀٽو جو افتتاح مئي جي پهرين ڏهن ڏينهن ۾ بلاول ڀٽو زرداري ڪندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير واپارين بحالي جي قدمن بابت بريفنگ ڏيندي چيو ڪي ڪراچي ۾ جاري وڏن انفراسٽرڪچر ۽ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

حڪومت مختصر وقت ۾ تيزي سان ۽ خاطر خواهه ڪم ڪيو آهي: موتي والا

واپاري برادري سان گڏ بيهڻ تي وڏي وزير مراد علي شاهه جا دل سان شڪرگذار آهيون

معاوضي جو عمل تصديق ٿيل نقصانن جي بنياد تي ڪيو پيو وڃي

اسان ان ڳالهه کي يقيني بڻائينداسين ته رقم حقدار ماڻهو تائين پهچي

ڪراچي(بيورو رپورٽ) واپارين پاران حڪومتي تعاون جي واکاڻ بزنس مين گروپ جي چيئرمين ۽ مشهور واپاري اڳواڻ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پ پ چيئرپرسن جو سيڪريٽري ۽ ايم پي اي جميل سومرو ماڻهن جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

شاهراهه ڀٽو تي واپاري کان 25 لک روپين جي ڦر

جوابدارن واپاري جي گاڏي کي پويان کان ٽڪر هڻي روڪيو

4 موٽرسائيڪلن تي سوار جوابدارن ون وي جي ذريعي واقعي واري هنڌ پهتا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهراهه ڀٽو تي واپاري کان 25 لک روپين جي ڦر جي واردات ٿي وڃي ذريعن موجب ڊيفنس جو رهواسي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رينجرز هٿان "محبوب گروهه" سان لاڳاپيل محمد زبير گرفتار

جوابدار ڌاڙن ۽ اسٽريٽ ڪرائيم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيو آهي

زبير جو هڪ ساٿي اڳ ئي رينجرز هٿان گرفتار ٿي پوليس حوالي ڪيو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي حسن نعمان بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

صرف 9 مهينن ۾ 15 هزار کان وڌيڪ ڪاروبار رجسٽرڊ ٿيا، سڪرپو هيمنائي

16 کاتا، 19 ادارا ۽ 130 کان وڌيڪ لائسنس هڪ ئي آن لائين نظام ۾ شامل ڪيا ويا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پنهنجي ڊجيٽل پليٽفارم سنڌ بزنس ون اسٽاپ شاپ ذريعي ڪاروباري سهولتن ۾ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي اير II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 34 سال 2026

مسمات سورٺ ڌيءُ علي اڪبر چانڊيو مسلم بالغ رهندڙ عظيم ڪالوني سڪرنڊ.......پلينٽف... بخلاف... آفتاب علي ولد ساڻيڏنه چانڊيو رهندڙ اصغر ڪالوني سڪرنڊ. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي اير II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي اير I ڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر 18 سال 2026

Shri Kaisri......پلينٽف... بخلاف... Gulla.. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين توهان جي خلاف جوڊيشل سيپريشن اينڊ ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي اير I ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ ايڊيشنل اينڊ سيشن جج VI حيدرآباد
سول اپيل نمبر 247 سال 2025

Aghis-u-Salam Tahirzada ولد ولي محمد طاهرزاده مسلم بالغ رهندڙ فليٽ نمبر 13 صدف ڪامپليڪس صدر حيدرآباد ....اپيلانٽ....
بخلاف ... (1) محمد عرفان ولد محمد سليمان آرائين مسلم بالغ رهندڙ گهر نمبر 11 رحيم آباد ڪالوني ٽنڊو الهيار (2) اخلاق احمد ولد محمد اسماعيل جٽ مسلم بالغ رهندڙ سامهون ڪي ڪي اسڪول ٽنڊو الهيار (3) محمد اسلم عرف مولي ولد عبدالمجيد آرائين مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ حافظ آباد ڪراچي هوٽل اسٽاپ چمبڙ روڊ ٽنڊو الهيار _(4) خادم حسين ولد محمد حسين گجر مسلم بالغ رهندڙ گلشن حميد نصرپور روڊ ٽنڊو الهيار. ريسپونڊنٽس

نالي مٿئين ريسپونڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين توهان جي خلاف سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 29-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل اينڊ سيشن جج VI حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي نواب خاصخيلي ولد محمد بخش ويٺل ڳوٺ حاجي خاصخيلي تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي محمد بخش ولد ڦلو خاصخيلي جيڪو تاريخ 30-10-2015 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه ناجپور ٽيوائي شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هينئن جائز وارث جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) حبيب الله (پٽ) (2) رياض احمد (پٽ) (3) غلام محمد (پٽ) (4) نواب خاصخيلي(پٽ) (5) علي گوهر (پٽ) (6) مسمات رضيه زال ساڻيڏنه (ڌي) (7) مسمات مومل زادي زال امام علي (ڌي) (8) مسمات ثمينه زال عبدالڪريم (ڌي) (9) مسمات ممنا (بيواهه) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد/ والده/ ڏاڏو/ ڏاڏي فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) لطف الله ولد عبدالخالق خاصخيلي (2) قادر بخش ولد محمد اچر خاصخيلي جن ڳوٺ حاجي خاصخيلي ۾ مقرر ڪيل جلسه عام شريڪ ٿي اسان جي روبرو پيش پئي ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي لطف الله ولد عبدالخالق خاصخيلي ويٺل ڳوٺ حاجي خاصخيلي تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي عبدالخالق ولد محمد هاشم جيڪو تاريخ 17-09-2013تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه ناجپور ٽيوائي شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هينئن جائز وارث جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) لطف الله (پٽ) (2) قربان خاصخيلي (پٽ) (3) غلام مصطفيٰ (پٽ) (4) احسان (پٽ) (5) مسمات رخسانه (بيواهه) (6) مسمات روزينه زال ظفر علي (ڌي) (7) مسمات وزيران زال رجب علي (ڌي) (8) مسمات منيران زال محمد سليم (ڌي) (9) مسمات روبينه (صغير) (ڌي) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد/ والده/ ڏاڏو/ ڏاڏي فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) علي محمد ولد ولي محمد (2) عاشق علي ولد خان محمد جن ڳوٺ حاجي خاصخيلي ۾ مقرر ڪيل جلسه عام شريڪ ٿي اسان جي روبرو پيش پئي ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي فيصل حسين ولد فدا حسين رهندڙ حال ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي فداحسين ولد عبدالحسين ذات خواجه تاريخ01-02-2021 تي فوت ٿي چڪو اهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن. تفصيل وارث فوتي (1) فيصل حسين پٽ فوتي فداحسين خواجه (2)فيضان حسين پٽ فوتي فدا حسين خواجه (3) مسمات ماروي ڌي فوتي فدا حسين خواجه تنهن ڪان سواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خوان قانوني وارث ڪو به آهي ۽ فوتي جي ملڪيت سٽي سروي نمبر 707 وارڊ (بي) تعلقه ٽنڊو محمد خان ۾ گڏيل حصو/ سچو روپيو اڳ سٽي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي انهي متعلق اسان وٽ بن شاهدن هر هڪ (1) زاهد حسين خواجه ولد عبدالحسين ذات خواجه (2) انيل اقبال ولد اقبال احمد خان خواجه ذات خواجه ٻئي رهندڙ خواجه محله ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو بنهي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ٻئي ڪري ٻي حالتن ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ داخلا رکي ويندي بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

مختيارڪار روينيو / سٽي سروي آفيسر ٽنڊو محمدخان

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي بنگلي نمبر 23 بلاڪ بي ٽائپ R صائمه ڦاڻ ٽائون مين ٻائي پاس حيدرآباد جون رسيدون مبلغ 5763000 روپيا ڪٽي ڪري گر ٿي ويون آهن مذڪوره فائل تي فروخت يا ٽرانسفر نه ڪئي وڃي اگر ڪنهن کي ملن ته هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪن

ستيش ڪمار ولد رميش ڪمار
شناختي ڪارڊ نمبر 4440114486275
سيل نمبر 03333266222

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي موٽر سائيڪل نمبر KLG-9276 جو اصل رجسٽريشن بڪ ڪراچي ۾ ڪرن روڊ تي ڪٿي ڪري پيو آهي جنهن کي به هٿ اچي ته هيٺين ايڊريس تي ڊياري موڪلي .

محمد يونس ولد غوث بخش جسڪاڻي اسريٰ يونيورسٽي محلو جسڪاڻي هائوس لڳ رحمان مسجد حيدرآباد

بقايا 1 واڌ جو اعلان

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اعلان ڪيو آهي ته اسرائيل ۽ لبنان وچ ۾ جنگ بندي ۾ ٽن هفتن جي واڌ ڪئي وئي آهي ٽروٿ سوشل تي هڪ پيغام ۾ هن جو چوڻ هو ته اها اڳڀرائي اوول آفيس ۾ اسرائيلي ۽ لبناني اختيارين وچ ۾ ٿيل هڪ ملاقات ڪانپوءِ سامهون آئي آهي ان ملاقات ۾ نائب صدر جي ڊي وينس ۽ پرڏيهي وزير مارڪوروبيو به شريڪ هئا.

بقايا 2 اهم رابطا

هڪ مختصر ٽيم سان گڏ اڄ اسلام آباد پهچي رهيو آهي پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب آمريڪا-ايران ڳالهين جي ٻئي مرحلي ۾ ڪنهن وڏي اڳڀرائي (بريڪ ٿرو) جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ٻئي طرف ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي پاڪستان جي سياسي ۽ عسڪري قيادت سان ٽيليفونڪ رابطو ڪري خطي جي صورتحال ۽ جنگ بندي وارن معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي آهي. پرڏيهي خاطرو اداري جي رپورٽ موجب، عباس عراقچي پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير سان ڌار ڌار ڳالهه ٻولهه. دوران خطي جي صورتحال ۽ جنگ بندي بابت معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي

بقايا 3 دهشتگرد مارجي ويا

ويو آءِ ايس پي آر موجب آپريشن دوران شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هندستان جي اسپانسرڊ فتنه الخوارج سان تعلق رکندڙ 22 خوارجين کي ماريو ويو بزدل دشمن پڪڙجڻ جي خوف ۾ اندڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ 10 سالن جو معصوم ٻار به شهيد ٿي ويو

بقايا 4 ٻڌڻي لاءِ مقرر

بابت اهم ڪيس کي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته هن ڪيس ۾ صوبائي وزير سعيد غني خلاف توهين عدالت جي درخواست تي پڻ ٻڌڻي ٿيندي حد دخلين واري ڪيس ۾ سعيد غني خلاف عدالتي حڪمن جي مبينه ڀڃڪڙي تي توهين عدالت جي درخواست 2019ع ۾ داخل ڪئي وئي هئي جنهن کي هاڻي باقاعده ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي

بقايا 5 مصدق ملڪ

عوامي ڀلائي کي پنهنجي ترجيحن جو محور بڻائين ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي مستقبل جي جوڙجڪ ۾ انهن جو ڪردار نهايت آهي هو ڪالهه نيشنل اسڪول آف پبلڪ پاليسي جي ڊيلي اداري پاڪستان ايڊمنسٽريٽو اسٽاف ڪاليج ۾ 124 هين نيشنل مينيجمينٽ ڪورس جي گريجوئيشن تقريب کي خاص مهمان طور خطاب ڪري رهيو هو ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو ته سول سروس ملڪ جو هڪ انتهائي باصلاحيت ۽ مقابلي جي عمل سان گذري ايندڙ ادارو آهي جنهن ۾ مختلف تجربا ۽ صلاحيتون رکندڙ آفيسر شامل آهن هن چيو ته تربيت حاصل ڪري نڪرندڙ آفيسرن وٽ هاڻ اهڙا فيصلا ڪرڻ جو موقعو آهي جيڪي حڪمراني جي نظام ۽ عوامي ڀلائي ۾ نمايان بهتري آڻي سگهن ٿا.

بقايا 6 هدايت

تي سنڌ سالڊويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ ۽ پروجيڪٽ سوئيپ جي عهديدارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ڪراچي حيدرآباد، لاڙڪاڻو ۽ سکر ڪانپوءِ سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ صفائي سٿرائي جو نظام متعارف ڪرائڻ ۽ نئين لينڊ فل سائيٽ لاءِ جاءِ مختص ڪرڻ بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي مڪاني ادارن واري ڪاتي جي صوبائي وزير هدايت ڪئي ته ڪراچي ۾ سالڊويسٽ مئنيجمينٽ جي نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ جديد مشينري ۽ ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائي وڃي. هن لينڊ فل سائيٽ تي ليزر ريڊر ڊيوائس جي استعمال جي به هدايت ڪئي جنهن سان ڪچري جي درجي بندي ۽ منظم معلومات حاصل ٿيندي ۽ شفافيت (Transparency) کي يقيني بڻائي سگهبو ان کان علاوه هن چيو ته "صاف سٿري ۽ صحتمند سنڌ" چيئرمين بلاول ڀٽو جو ويزن آهي ۽ ان ويزن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورن ادارن کي گڏجي اپاءِ وٺڻا پوندا.

بقايا 7 گرفتار

محمد اجمل سب انسپيڪٽر مسرور ۽ رافع بريس ڪانفرنس دوران اهم انڪشاف ڪيا. سب انسپيڪٽر مسرور ٻڌايو ته 22 تاريخ تي اطلاع مليو ته چار ماڻهو غيرقانوني طور بوسٽن سرنج تيار ڪري رهيا آهن. جنهن تي ڪاروائي ڪندي ضلعي ملير جي علائقي پينس ڪالوني سان چار جوابدار گرفتار ڪيا ويا. گرفتار ٿيلن ۾ ڊاڪٽر اسلام يونس امداد ۽ ڪاشف شاهه سميت ٻيا شامل آهن هن چيو ته جوابدارن پينس ڪالوني ۾ باقاعده ڪارخانو قائم ڪيو هو جتان پيڪنگ ميٽيريل ۽ تيار ٿيل مواد پڻ هٿ ڪيو ويو پوليس جوابدارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪري ريمانڊ حاصل ڪري ورتو آهي. سب انسپيڪٽر رافع چيو ته ان ڪاروائي جو مقصد انساني جانين کي بچائڻ آهي هن ٻڌايو ته بوسٽن انجيڪشن تي جنوري 2012ع ۾ سپريم ڪورٽ پابندي لڳائي هئي، چيو ته اها دوا انسانن ۽ جانورن ٻنهي لاءِ انتهائي نقصانڪار آهي سندس چوڻ هو ته انجيڪشن سان جانورن جي عمر متاثر ٿئي ٿي، وڌيڪ کير حاصل ڪرڻ سبب سندن عضوا ڪمزور ٿي وڃن ٿا ۽ ڪينسر سميت مختلف بيماريون پيدا ٿين ٿيون اهڙي کير جي استعمال سان ٻارن ۾ هارمونل تبديليون وقت کان اڳ واڌ ۽ ڪينسر جا خطرا وڌن ٿا. ڊپٽي ڊائريڪٽر محمد اجمل ٻڌايو ته ايف آءِ آءِ ٽيم ريڊ دوران گروهه کي گرفتار ڪيو جيڪي گذريل 8 کان 10 سالن کان هن غيرقانوني ڪاروبار ۾ ملوث هئا.

بقايا 8 ريلي

۽ بنيادي سهولتن جي اڻهوند خلاف 7 نقاطي ايجنڊا تحت ڪوٽڙي ۾ ايس ٽي پي يارن منارا چڇي مبين ٽيوٽي يونس اوڍي ارشاد پنهور امجد مستوئي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ اسٽيشن روڊ کان احتجاجي ريلي ڪيڊي اٽمدينا چوڪ تي نڪتي اس ۾ ڌرڻو هنيو جتي جارڪنن سان اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته چونڊيل نمائندن جي لاپرواهي ۽ ڪامورن جي ڪرپشن سبب ڄامشورو ضلعو مسئلن جو ڳوڙهه بڻجي ويو آهي ڄامشورو تعليمي درسگاهن بدران منشيات جي سپلائي جو مڪ رستو بڻجي ويو آهي.

بقايا 9 گرفتار

ملزم جو ساٿي موقعي تان فرار ٿي ويو گرفتار ملزم وٽان گولين سان گڏ هڪ پسٽول هڪ موبائل فون نقد رقم ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي شاهراه نور جهان پوليس خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات نارٿ ناظم آباد عبدالله ڪاليج ويجهو مبينا مقابلي ۾ هڪ ڦورو کي ماري ڇڏيو سندس لاش عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو مارجي ويل ڦورو جو هڪ ساٿي موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو مارجي ويل ملزم وٽان گولين سان گڏ هڪ پسٽول هڪ موبائل فون نقد رقم ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي. مارجي ويل ملزم جي فوري طور تي سڃاڻپ نه ٿي سگهي. پوليس لاش کي وارثن جي ڳولا لاءِ مرده خاني ۾ منتقل ڪيو خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات ناظم آباد ۾ جهانگير آباد ندي جي ڪناري تي مبينا مقابلي ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو

بقايا 10 تصديق

سکر ۾ اپريل 2026 جي 20 ڏينهن دوران 32 مريضن مان 20 ۾ ايڊز جي تصديق ٿي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اڌ کان وڌيڪ ماڻهو ايڊز جو شڪار ٿي چڪا آهن سکر سول اسپتال ۾ قائم ايچ آءِ وي/ايڊز سينٽر جي انچارج اڪرن موجب، گذريل سال 2025 ۾، غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج سول اسپتال سکر ۾ 1469 مريضن جو ايچ آءِ وي/ايڊز لاءِ ٽيسٽ ڪيو ويو جن مان 204 ماڻهن ۾ ايڊز جي تصديق ٿي يعني هر ڇهن مان هڪ ماڻهو ايڊز ۾ مبتلا مليو غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج سول اسپتال سکر ۾ قائم ايچ آءِ وي/ايڊز سينٽر جي انچارج ڊاڪٽر راٻيل پڪت موجب، اسپتال ۾ مثبت ٽيسٽ ڪندڙ مريضن کي دوائون فراهم ڪيون وينديون آهن ۽ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون وينديون آهن هن چيو ته هي بيماري رت جي منتقلي ۽ جنسي ميلاپ ذريعي پکڙجي ٿي، جنهن لاءِ عوام کي فوري طور تي پاڻ جي ٽيسٽ ڪرائڻ ۽ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي سکر ۽ ان جي آس پاس ۾ ايڊز جي پکڙجڻ ۽ بيماري ۾ مبتلا مريضن جي موت بابت ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر زاهد ملڪ چيو ته سکر سول اسپتال ۾ سرجري لاءِ ايندڙ هر مريض جي ايچ آءِ وي/ايڊز رپورٽ مفت ڪئي ويندي آهي ته جيئن آپريشن دوران ٻيا ماڻهو يا عملي متاثر مريضن جي رت سان متاثر نه ٿين

بقايا 11 ڦر

واپاري حفيظ الرحمان لاڏيي داڻود چورنگي کان شاهراهه ڀٽو ذريعي قيوم آباد پهتو قيوم آباد ڏانهن لهندي، گاڏي پليان ايندڙ سنڌس گاڏي کي ٽڪر هنيو حادثي جي خبر پوڻ کان پوءِ واپاري گاڏي کي پاسي تي روڪيو ۽ گاڏي ۾ سوار ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ لڳو ان دوران 4 موٽرسائيڪلن تي سوار جوابدار ان وي جي ذريعي واقعي واري هنڌ پهتا ۽ انهن کي يرغمال بڻائي ورتو جوابدارن واپاري تي تشدد ڪيو ۽ ڪيس واپس گاڏي ۾ وٺي ويا.

بقايا 12 گرفتار

ڪالوني سهراب ڳوٺ سان ڏاڙن ۽ اسٽريٽ ڪرائيم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث "محبوب گروهه" سان لاڳاپيل ملزم محمد زبير ولد سلام خان کي گرفتار ڪري ورتو آهي.تفصيل موجب گرفتار ملزم پنهنجن ٻين ساٿين سان گڏ ڪراچي جي علائقن سهراب ڳوٺ، انڊسٽريل ايريا ۽ ٻين علائقن ۾ ڏاڙن ۽ اسٽريٽ ڪرائيم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيو آهي. گرفتار ملزم عادي ڏوهاري آهي

بقايا 13 سڪندر هيمناڻي

وڏي تيزي آندي آهي جتي ٿوري ئي عرصي ۾ نمايان نتيجا سامهون آيا آهن. هي قدم ڪلڪ منصوبي تحت ڪيو ويو آهي.ترجمان حڪومت سنڌ سڪندر هيمناڻي چيو ته اهومنصوبو جي ڪاروباري نظام کي نئين شڪل ڏئي ڇڏي آهي جتي 16 کاتا 19 ادارا ۽ 130 کان وڌيڪ لائسنس هڪ ئي آن لائين نظام ۾ شامل ڪيا ويا آهن. هن چيو ته صرف 9 مهينن ۾ 15 هزار کان وڌيڪ ڪاروبار رجسٽرڊ ٿيا ۽ 8 هزار کان وڌيڪ اي-لائسنس جاري ڪيا ويا.

بقايا 14 مبارڪباد

مراد علي شاهه پارن سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪارروائي تي قوم کي مبارڪباد خيبر ۾ 22 خوارج جي هلاڪت سيڪيورٽي فورسز جي بروقت ۽ مؤثر حڪمت عملي جو نتيجو آهي. وزيراعليٰ سنڌ چيو.دهشتگردي خلاف جنگ ۾ اسان جي فورسز جون قربانيون قابل فخر آهن. وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد عليٰ شاهه جو اظهار. وزيراعليٰ سنڌ پاران معصوم ٻار جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ويو.

بقايا 15 سوٽي والا

زبير سوٽي والا چيڪ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ حڪومت ۽ وڏي وزير مراد علي شاهه جو شڪريو ادا ڪيو جنهن کي هن متاثرن جي مدد لاءِ هڪ سنجيده ۽ مخلصاڻي ڪوشش قرار ڏنو هن چيو ته حڪومت مختصر وقت ۾ تيزي سان ۽ خاطر خواهه ڪم ڪيو آهي هن چيو ته تمام گهٽ وقت ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو ويو آهي اسان واپاري برادري سان گڏ بيهڻ تي وڏي وزير مراد علي شاهه جا دل سان شڪرگذار آهيون زبير موٽي والا چيو ته معاوضي جو عمل تصديق ٿيل نقصان جي بنياد تي ڪيو پيو وڃي.

بقايا 16 وڏو وزير

ته عظيم پوره فلاحي اوور 90 ڏينهن ۾ مڪمل ٿي ويندو جڏهن ته پهلوان ڳوٺ روڊ، تعا خان ڳوٺ روڊ، شاهراهه فيصل کي گلشن سان ملائيندڙ روڊ، نشتر روڊ، توري بنگش روڊ، سهراب اختر روڊ، جهانگير روڊ، لياري ۾ مرزا آدم روڊ، قلندريه روڊ، ميٽرورول روڊ، ايس آءِ يو ٽي (SIUT) جي ويجهو مهرالنساءِ روڊ، چانڊ بي بي روڊ، اصلاح الدين روڊ ۽ گل پلازا جي آس پاس جي روڊن تي ڪم جاري آهي وڏي وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته معيار تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو هن سوشل ميڊيا تي روڊن جي ڪم بابت اٿاريل خدشن جو حوالو ڏيندي چيو ته فيلڊ تصديق مان معلوم ٿيو آهي ته ڪجهه شڪايتون تعميراتي نقصن بدران حدڌخلين خلاف آپريشنز ۾ مزاحمت جو نتيجو هيون

بقايا 17 خاطري

5.657 ارب رپيا حاصل ڪيا ويا آهن ۽ 200 تصديق ٿيل متاثرن ۾ 511.7 ملين رپين جا معاوضي وارا چيڪ ورهايا ويا آهن جيڪو حڪومت پاران انهن جي مڪمل بحالي ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن کي روڪڻ جي عزم جو وڌاءُ آهي. وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد هڪ تقريب ۾ خاص مهمان طور خطاب ڪندي وڏي وزير گل پلازا جي سانحي کي هڪ ڏکوئيندڙ واقعو قرار ڏنو جنهن ڪيترن ئي خاندانن ۽ واپاري برادري کي وڏو جاني ۽ مالي نقصان پهچايو وڏي وزير چيو ته سنڌ حڪومت شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت جي رهنمائي ۾ ڀرپور ڏينهن کان متاثرن کي فوري ۽ طويل مدتي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي هن چيو ته ڀرپور مرحلي ۾ 72 فوت ٿيل ماڻهن جي خاندانن لاءِ في فرد 10 ملين رپيا معاوضي جو اعلان ڪيو ويو هو 64 ڪيسن ۾ ادائگيون مڪمل ٿي چڪيون آهن جڏهن ته چار تصديق جي مرحلي ۾ آهن ۽ چار قانوني وارثن جي مسئلن سبب التوا هيٺ آهن ٻئي مرحلي ۾ 849 متاثر دڪاندارن کي رمضان دوران فوري رليف طور 500000 رپيا في واپاري فراهم ڪيا ويا ته جيئن ڪين پنهنجو روزگار ٻيهر شروع ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي مراد علي شاهه چيو ته صوبائي حڪومت متاثرن لاءِ 7 ارب رپين جي جامع مالي پيڪيج جي پڻ منظوري ڏني آهي جنهن مان 5.657 ارب رپيا اڳ ئي اڪائونٽنٽ جنرل جي آفيس ذريعي ڪي سي سي آءِ (KCCI) جي جائزي مطابق متاثرن ۾ ورهائڻ لاءِ حاصل ڪيا ويا آهن

بقايا 18 نمايان گهٽتائي

مطابق 1 جنوري کان 23 اپريل تائين ڪراچي ڊويزن ۾ ڊينگي جا ڪل 183 تصديق ٿيل ڪيس رپورٽ ٿيا آهن جڏهن ته هڪ فوتگي پڻ ٿي آهي. ضلعي اوير ۾ سڀ کان وڌيڪ 66، ڏکڻ ۾ 39 ۽ وچ ضلعي ۾ 38 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن.صوبائي جي ٻين ڊويزن ۾ صورتحال بهتر رهي آهي، جتي حيدرآباد ۾ 18، ميرپورخاص ۾ 9 ڪيس رپورٽ ٿيا، جڏهن ته لاڙڪاڻي ڪو به ڪيس سامهون نه آيو. سکر ۽ خيرپور ۾ گڏيل طور 3 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. اپريل مهيني دوران ڪراچي ۾ 21 ڪيس سامهون آيا، جن مان 11 اوير ضلعي مان هئا. صحت کاتي خبردار ڪيو آهي ته گرمي وڌڻ سان مڇرن جي واڌ جو خدشو وڌي سگهي ٿو تنهنڪري شهرين کي هدايت ڪئي وئي آهي ته بيبل پاڻي ختم ڪن، مڇر پيدائش واريون دوائون استعمال ڪن ۽ فيوميگيشن ٽيم سان تعاون ڪن. ٻئي پاسي مليريا بابت جاري ڪيل رپورٽ موجب صوبي ۾ 7 لک کان وڌيڪ ماڻهن جي اسڪريننگ ڪئي وئي

بقايا 19 وزيراعظم

ڏئي رهيو آهي خطي ۾ پاڪستان جي ڪيترين جون ڪوششون انهي اصولن موجب آهن ڪالهه وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان گهڻ رخي ۽ سفارتڪاري ذريعي امن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي جاري ڪيل بيان ۾ وزيراعظم چيو ته گهڻ رخي ۽ امن لاءِ سفارتڪاري جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پاڪستان حڪومت گڏيل قومن جي چارٽر جي اصولن موجب ڳالهيون، تعاون ۽ تڪرارن جي پرامن حل لاءِ پنهنجي پختي عزم کي ورجايو آهي

بقايا 20 ڳالهه ٻولهه

عالمي امن ۽ سلامتي جي حمايت ۾ ٻطرفن لاڳاپن ۽ گهڻ رخي فورمن تي تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي پرڏيهي وزير سرگئي لاوروف ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڳالهين ۾ سهولت فراهم ڪرڻ ۾ پاڪستان جي تعميري ڪردار کي ساراهيو نائب وزيراعظم سمورن مسئلن جي حل لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري کي هٿي ڏيڻ جي ڪوشش ۾ تعاون جاري رکڻ جي پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

بقايا 21 سپريم ليڊر

ڪئي آهي پنهنجي بيان ۾ سپريم ليڊر چيو ته ايراني قوم جي اتحاد دشمن جي صفن ۾ ڏار وجهي ڇڏيا آهن هي بي مثال ٻڌي اهڙن عنصرن کي ڏانواڊول ڪري رهي آهي جيڪي ايران کي ڪمزور ڪرڻ چاهين ٿا. مجتبيٰ خامنه اي خبردار ڪيو ته دشمن جي ميڊيا ڪارروائيون عوام جي ذهنن ۽ نفسيات کي نشانو بڻائي قومي اتحاد ۽ سلامتي کي نقصان پهچائڻ چاهين ٿيون. ايراني قوم دشمن کي سندس ناپاڪ مقصدن ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏئي

بقايا 22 صدر ٽرمپ

آهي ۽ ايران سان فوري طور تي معاهدو پڻ ممڪن آهي هن چيو ته ايران کي هڪ بهتر ڊيل لاءِ موقعو ڏنو پيو وڃي ۽ جيئن ئي معاهدو ٿيندو آبنائي هرمز کوليو ويندو صدر ٽرمپ چيو ته آبنائي هرمز جي بندش ايران جي معيشت کي متاثر ڪري رهي آهي ۽ ان کي پنهنجون ڪاروباري سرگرميون جاري رکڻ جي قابل نه بڻائي رهي آهي هن دعويٰ ڪئي ته ايران ۾ قيادت بابت غير يقيني صورتحال آهي ۽ ملڪ اندروني انتشار جو شڪار آهي. ۾ آمريڪا ڳالهيون جاري رکي رهيو آهي آمريڪي صدر وڌيڪ دعويٰ ڪئي ته ايران ۾ 75 سيڪڙو ٽائين مقصد حاصل ڪيا ويا آهن هن چيو ته جيئوٽيڪ ايران بن هفتن جي جنگ بندي دوران ڪجهه حد تائين پنهنجي فوجي صلاحيت بحال ڪري چڪو آهي، ۾ آمريڪي فوج هڪ ڏينهن ۾ ان کي بيهر ختم ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي. هن واضح ڪيو ته آمريڪا ايران جي صورت ۾ ايٽمي هٿيار استعمال نه ڪندو صدر ٽرمپ چيو ته هو ايران سان هڪ ڊگهي مدت جو امن معاهدو چاهي ٿو ۽ تنهن ڪري ڪنهن به معاهدي ۾ جلدي نه ڪندو آخرڪان هن آمريڪي عوام کي خبردار ڪيو ته انهن کي ڪجهه وقت لاءِ گئس پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ جو منهن ڏسڻو پئجي سگهي ٿو جنهن کان پوءِ قيمتون گهٽجي وينديون

بقايا 23 مطالبو

نوٽيس وٺي ۽ ان کي فوري طور بحال ڪرائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪري پاڪستان خبردار ڪيو آهي ته معاهدي جي معطلي سان خطي ۾ 240 ملين کان وڌيڪ ماڻهن لاءِ سنگين سلامتي ماحولياتي ۽ انساني بحران پيدا ٿي سگهي ٿو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار سلامتي ڪائونسل جي موجوده صدر بحرين جي نمائندي کي هڪ خط موڪليو هو جنهن ۾ ڀارت جي فيصلي کي "غير قانوني" قرار ڏيندي ان تي شديد ڳڻتي ظاهر ڪئي هئي اهو خط گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي نمائندي عاصم افتخار احمد نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي صدر کي پيش ڪيو پاڪستان مطالبو ڪيو آهي ته ڀارت کي پاڻي جي معاهدي تي مڪمل عمل ڊيٽا شيئرنگ ۽ سهڪار بحال ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي ۽ ڪنهن به قسم جي آبي دٻاءُ جي پاليسي کان روڪيو وڃي، پاڪستاني نمائندي سلامتي ڪائونسل کي آهو به ٻڌايو ته ڀارت پاران ٻي بنياد الزامن ۽ پروپيگنڊا جو سلسلو جاري آهي جيڪو علائقائي امن لاءِ نقصان ده آهي وڌيڪ چيو ويو آهي ته جمون ڪشمير جو پراڻو تڪرار ڏکڻ ايشيا ۾ عدم استحڪام جو بنيادي سبب آهي جنهن جو حل گڏيل قومن جي ٺهرائن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن مطابق ضروري آهي

بقايا 24 خراج تحسين

وارڙي وفاقي وزير محسن نقوي خيبر ضلعي ۾ 22 دهشتگردن کي مارڻ سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي پيشيوراڻي صلاحيتن کي ساراهيو ڪالهه جاري ڪيل بيان ۾ وفاقي وزير چيو ته فتنه الخوارج جي 22 دهشتگردن کي مارڻ تي قوم کي بهادر پٽن جي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو بهادر سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي خاتمي لاءِ پرعزم آهن محسن نقوي چيو ته قوم کي فورسز جي دلير پٽن تي فخر آهي انشاءَالله قوم جي حمايت سان فتنه الخوارج جي دهشتگردن جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو گهرو وزير دهشتگردن جي فائرنگ سبب شهيد ٿيل ويل 10 سالن جي ٻار جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار پڻ ڪيو

بقايا 25 نقصان ثابت

فليگ جي آڙ ۾ بنا جواز هڪ طرفي قدمن جي جواب ۾ پاڪستان جي فضائي حدن جي بندش سبب ڀارت کي وڏو نقصان پهچو آهي. پاڪستاني فضائي حدن جي بندش سبب ڀارتي ادارن کي وڌيڪ وقت گهربل آهي ۽ روزاني جي خرچن ۾ لکين ڊالر اضافو ٿي رهيو آهي ڀارت کان آمريڪا ۽ يورپ ويندڙ ادارن کي ڊگها ۽ مهانگا روٽ استعمال ڪرڻا پئجي رهيا آهن پاڪستاني حدن جي بندش سبب ڊگهي روٽ جي ڀارتي ادارن کي رستي ۾ ڪنهن ٻئي ملڪ مان ري فيولنگ به ڪرڻي پوندي آهي. پاڪستاني فضائي حدن جي بندش سبب ڀارتي ايئر لائنز کي سالياني 800 ملين ڊالر جو نقصان ڪلڻو پئجي سگهي ٿو ماهرن جو چوڻ آهي ته ڀارت پاڪستان خلاف پنهنجي غير منطقي قدمن جو نتيجو معاشي نقصان جي صورت ۾ ڀوڳي رهيو آهي پاڪستان جي فضائي حدن جي بندش ۾ وڌيڪ واڌ سان ڀارتي ايئر لائنز کي ڪيترن ئي ملڪن جا روٽ ختم ڪرڻا پوندا

بقايا 26 هلندي

ڪوشش بابت بريفنگ ڏني وئي. مصطفيٰ ڪمال چيو ته خصوصي پوليو مهم 11 کان 24 مئي تائين شيڊول ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ڪراچي جي چونڊيل هاءِ رسڪ يونين ڪائونسلن ۾ اها مهم 10 سالن تائين جي ٻارن لاءِ هلائي ويندي هن وڌيڪ چيو ته ايندڙ هفتن ۾ مهم جي اڳڀرائي جو جائزو وٺندا رهنداسين. هن چيو ته سنڌ، خاص طور ڪراچي جي ڪجهه علائقن ۾ ويڪسينيشن جي ڪوريج کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي جڏهن ته سهراب ڳوٺ ۾ هڪ ڊسپينسري قائم ڪئي پئي وڃي جنهن جي جلد ڪم شروع ٿيندو. وفاقي وزير صحت ٻڌايو ته جن علائقن ۾ وائرس موجود آهي اتي ريڊ زون حڪمت عملي اختيار ڪئي پئي وڃي پوليو ورڪرز جي تربيت ۽ مائڪرو پلاننگ کي وڌيڪ مضبوط بڻايو پيو وڃي، جڏهن ته ويڪسين کان رهجي ويل ٻارن جي سڃاڻپ ڪري انهن کي ويڪسينيٽ ڪرڻ تي خاص زور ڏنو پيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته مقامي ڪميونٽي ليڊرن، عالمن ۽ سماجي شخصيتن کي مهم ۾ شامل ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته ڪچيون آباديون ۽ ڏورانهين ڳوٺاڻا علائقا خاص ڌيان هيٺ آندا ويا آهن. مصطفيٰ ڪمال چيو ته شهري سطح تي نون ويڪسينيشن سينٽرن ۽ ڊسپينسرين جي قيام تي پڻ ڪم جاري آهي.

بقايا 27 درخواستون رد

ڪرڻ خلاف داخل درخواستن تي ٻڌڻي ٿي. عدالت بڪنگ آفيسن کي ڊي سيل ڪرڻ بابت درخواستون رد ڪري ڇڏيون جسٽس عدنان الڪريم ميمڻ درخواستن بابت لکت ۾ حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو عدالت غيرقانوني پارڪنگ ۽ قبضا فوري ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو عدالت چيو ته سرڪاري زمين کي واپاري مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جو ڪو به قانوني حق ناهي درخواستگذارن جي وڪيل چيو ته هو ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ال آصف اسڪوائر پرسان بس اڏن تان ڪاروبار ڪري رهيا آهن وڪيل موجب حڪومت پاران بس ٽرمينل ناهڻ جو وعدو ڪرڻ باوجود بڪنگ آفيسون سيل ڪيون ويون درخواستگذارن جي وڪيل چيو ته سرڪاري عملدار خانگي بس ٽرمينل کي فائدو پهچائڻ لاءِ ٽرانسپورٽرن کي زبردستي اتي منتقل ڪرڻ چاهين ٿا.سرڪاري وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته درخواستگذار سروس لينڊ تي بس اڏا ۽ بڪنگ آفيسون هلائي رهيا هئا.سرڪاري وڪيل موجب عدالت اڳ ئي واضح ڪري چڪي آهي ته بسون صرف منظور شده ٽرمينلز تان هلائي سگهجن ٿيون عدالت چيو ته ڪنهن به فرد يا اداري کي سرڪاري زمين تي واپاري سرگرمين جو حق حاصل ناهي عدالت وڌيڪ چيو ته ڊگهي عرصي تائين زمين جو استعمال ڪرڻ سان به ڪو قانوني حق نٿو پيدا ٿئي عدالت موجب روٽ پرمٽ رکڻ گاڏين جي اڏ وچ جي اجازت ڏئي ٿو عدالت چيو ته روٽ پرمٽ سان بس اڏو يا بڪنگ آفيس قائم ڪرڻ جو حق حاصل نٿو ٿئي عدالت چيو ته ٽرمينل قائم ڪرڻ بابت حڪومتي وعدو قانون جي ڀڃڪڙي جو جواز نٿو بڻجي سگهي عدالت چيو ته سرڪاري ادارن پاران قبضا ختم ڪرڻ واري مهم جو مقصد ٽريفڪ جي بهتري آهي عدالت هدايت ڪئي ته درخواستگذار منظور شده ٽرمينلز تان پنهنجو ڪاروبار جاري رکي سگهن ٿا. عدالت چيف سيڪريٽري سنڌ، ڊي آءِ جي ٽريفڪ ۽ ٻين اختيارين کي هدايت ڪئي ته غيرقانوني پارڪنگ ۽ قبضا فوري ختم ڪيا وڃن عدالت خبردار ڪيو ته جيڪڏهن قبضا ختم نه ڪيا ويا ته توهين عدالت جي ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 28 قرار

نوٽيفڪيشن کي ڪالعدم قرار ڏيندي ڌرين کي نوٽس جاري ڪري ڇڏيا. عدالت ڏکوڙي ٻڌڻي واري درخواست منظور ڪندي گورننگ باڊي جي چيئرمين ورڪرز ويلفيئر بورڊ سنڌ سعيد غني چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه سيڪريٽري ليبر ساجد جمال ابڙو سيڪريٽري ورڪرز ويلفيئر بورڊ محمد صالح جماڻي ڊائريڪٽر جنرل ورڪرز ويلفيئر بورڊ، ڊائريڪٽر ورڪرز ويلفيئر بورڊ ۽ ٻين کي سنڌ کي نوٽس جاري ، جڏهن ته عدالت حبيب الدين جنيدي، سيد ذوالفقار شاهه ناصر عزيز منصور ۽ ٻين جو نوٽيفيڪيشن عارضي طور تي معطل ڪري ڇڏيو عدالت ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ کي به نوٽيس جاري ڪندي ڌرين کان 26 مئي تي جواب طلب ڪري ورتو عدالت چيو ته سيريل نمبر 7 کان 10 تائين لاڳو ٿيندڙ نوٽيفڪيشن ايندڙ ٻڌڻي تائين معطل رهندو، عدالت اهو به هدايت ڪئي ته ڌرين کي ايندڙ تاريخ تي پيش ٿي پنهنجو موقف پيش ڪن ٻي صورت ۾ ڪيس جو هڪ طرفو فيصلو پڻ ڪيو ويندو ٻڌڻي دوران درخواستگذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته حڪومت سنڌ طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن تحت ڪجهه ماڻهن کي ورڪرز جا نمائندا مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو قانون جي خلاف آهي، چيو ته اهي ڄاڻايل "ورڪرز" جي دائري ۾ نٿا وڪيل چيو ته حبيب الدين جنيدي ڪيترين سالن کان گورننگ باڊي جو ميمبر آهي جيڪو ڪنهن يونين ۾ ناهي.

بقايا 29 واپس

اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان موجب، گذريل ڏينهن گڏيل عرب امارات کي هڪ ارب ڊالر واپس ڪيا ويا. مرڪزي بينڪ موجب، گذريل هفتي يو اي اي کي 2.45 ارب ڊالر به واپس ڪيا ويا هئا. اسٽيٽ بينڪ موجب، گڏيل عرب امارات کي ڪل 3.45 ارب ڊالر جا سمورا ڊپازٽ واپس ڪيا ويا آهن. ٻئي پاسي سعودي عرب پاڪستان کي 3 ارب ڊالر فراهم ڪري ڇڏيا آهن

بقايا 30 مارجي ويا

ايس پي سينٽرل ڊاڪٽر عمران خان موجب بنهي جوابدارن جو تعلق افغان شهري هجڻ سان ظاهر ٿيو آهي ايس ايس پي سينٽرل ٻڌايو ته مارجي ويل جوابدارن جي سڃاڻپ مڪمل ڪئي وئي آهي. جن مان هڪ جو نالو ذيشان محسود ۽ ٻئي جو رشيد محسود آهي پوليس موجب رات دير سان رضويه ۽ شاهراهه نورجهان وارن علائقن ۾ الڳ الڳ مقابلا ٿيا جتي فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ٻئي جوابدار مارجي ويا. ڊاڪٽر عمران خان موجب مارجي ويل جوابدار اسٽريٽ ڪرائيم ۽ موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي وارداتن ۾ ملوث هئا ۽ ڊسٽرڪٽ سينٽرل سميت سڄي ڪراچي ۾ ڪارروائيون ڪندا هئا. پوليس رڪارڊ مطابق جوابدار اڳ به ڪيترائي ڀيرا جيل وڃي چڪا هئا جوابدارن جي قبضي مان ڦريل موٽر سائيڪلون ۽ هٿيار به هٿ ڪيا ويا آهن پوليس طرفان وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي

بقايا 31 لاڳو

موڪليل ڪتابن جي اسڪولن ۾ ورڇ ۽ اسٽوريج ۾ وڏي مبينا ڪرپشن سامهون اچي وئي آهي. هزارين ڪتابن جي گم ٿيڻ ۽ وکرو ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي عدالت سرڪاري ڪتاب گم ۽ وکرو ڪرڻ، اختيارات جو غلط استعمال ڪرڻ تي، ڊي اي او مليبر امتياز حسين انڙ ۽ ٻين جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ڪري ڇڏي جوابدارن پاران صحت جرم کان انڪار عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي ڪيس جي شاهدن ۽ جاچ آفيسر کي طلب ڪندي ٻڌڻي 21 مئي تائين ملتوي ڪري ڇڏي جوابدارن ۾ امتياز حسين انڙ ڊي اي او مليبر پرويز اختر ڪلهوڙو ڊي اي او بن قاسم عبدالجبار خاڪراني طارق شاهه صابر شاهه علي ملڪ جنيد خان هارون خالد حسين ۽ ٻيا جوابدار شامل آهن عدالت ۾ جاچ آفيسر چيو ته جاچ دوران ضلعي تعليم آفيس ۽ تعلقا ايجوڪيشن آفيسرن جي رپورٽن ۾ وڏو فرق پڻ سامهون آيو آهي ڊي اي او مليبر امتياز حسين انڙ جي رپورٽ موجب 111,262 ڪتاب ورهايا ويا، جڏهن ته ٽي اي او جي رپورٽ موجب صرف 17,552 ڪتابن جي تصديق ٿي سگهي، جنهن سان 93,710 ڪتابن جو وڏو فرق ظاهر ٿيو جاچ آفيسر چيو ته رڪارڊ موجب مليبر ٽائون ۽ بن قاسم ٽائون جي مختلف سب ڊويزنن ۾ به هزارين ڪتابن جي کوٽ سامهون آئي آهي. جاچ آفيسر چيو ته جاچ ۾ انڪشاف ٿيو ته 3 آگسٽ 2024 تي ڪتاب بغير ڪنهن گيٽ پاس يا رسيد جي اسڪول ڏانهن موڪليا ويا، جڏهن ته بعد ۾ گودام جي منتقلي دوران به ڪتابن جو مڪمل رڪارڊ موجود نه هو ان کان علاوه، ڊي اي او مليبر امتياز حسين انڙ طرفان ٽي اي او بن قاسم پرويز اختر ڪلهوڙو کي رزاق آباد گودام جو انچارج مقرر ڪيو ويو جيڪو ڪتابن جي ورڇ جو ذميوار هو.

بقايا 32 احتجاج

خدا جي بستي ۾ احتجاج ڪري انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪندي فوري طور پاڻي جي فراهمي بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن عبدالستار لهر نظير بليدي، هادي بخش لهر شهباز ميمڻ ۽ ٻين اڳواڻن جو چوڻ آهي ته ڪافي عرصي کان پاڻي جون لائينون بند پيل آهن ٽينڪر مافيا سرگرم ٿي ماڻهن کي مهانگي اگهه تي پاڻي وڪرو ڪري رهي آهي اڳواڻن الزام لڳايو ته انتظاميا ڄاڻي واڻي لاپرواهي اختيار ڪري ويٺي آهي جنهن سبب هزارين پاڻي جي کوٽ پيدا ڪري ٽينڪر مافيا کي فائدو ڏنو پيو وڃي.اڳواڻن چيو ته جيڪڏهن فوري طور پاڻي جون لائينون بحال نه ڪيون ويون ۽ ٽينڪر مافيا خلاف ڪارروائي نه ٿي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو هنن وڌيڪ چيو ته پاڻي جهڙي بنيادي ضرورت کان ماڻهن کي محروم رکڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي هنن حڪومت وقت کان مطالبو ڪيو ته صورتحال جو نوٽيس وٺي ايم سي بولهاڙي جي مختلف ڪالونين ۾ پاڻي فراهم ڪيو وڃي جيئن غريب مزدور ۽ ٻي پهچ ماڻهو فري ۾ پاڻي حاصل ڪري سگهن

بقايا 33 صدارت ڪئي

دوران سنڌ ۽ بلوچستان ۾ موجود سماجي معاشي چئلينجن تي خاص ڌيان ڏنو ويو جڏهن ته قيادت علائقائي ترقياتي ضرورتن بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ان کان علاوه اجلاس ۾ پارٽي جي اندروني تنظيمي معاملن ۽ قيادت سان لاڳاپيل مسئلن جي حل لاءِ مؤثر ۽ مضبوط حڪمت عملي جوڙڻ تي پڻ غور ڪيو ويو

بقايا 34 ملاقات

موقعن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات دوران گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي چيو ته سامونڊي وسيلن جي بهتر استعمال سان قومي معيشت کي مستحڪم بڻائي سگهجي ٿو ۽ بلو اڪانومي ذريعي روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪري سگهجن ٿا. هن ماهيگيري، شپنگ ۽ بندرگاهه جي سرگرمين کي جديد خطوط تي آڻڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. گورنر سنڌ وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي وسيع سامونڊي وسيلن کي مؤثر طريقي سان استعمال ڪري برآمدات ۾ اضافو ڪري سگهجي ٿو جنهن سان قومي معيشت کي نئون رخ ملي سگهي ٿو. هن سامونڊي علائقن جي ترقي ۽ مقامي ڪميونٽي جي ڀلائي تي خاص ڌيان ڏيڻ جي هدايت پڻ ڪئي. چيئرمين ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ريئر ايڊمرل (ر) شاهد احمد گورنر سنڌ کي بلو اڪانومي بابت جاري قدمن تي بريفنگ ڏني ۽ ٻڌايو ته حڪومت سامونڊي شعبي ۾ اصلاحات ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي هٿي لاءِ سرگرم آهي. هن پورٽ جي ڀرپاسي هيوي ٽريفڪ ۽ انفراسٽرڪچر جي مسئلن بابت پڻ آگاهه ڪيو ۽ چيو ته بندرگاهه علائقن ۾ ٽريفڪ مينيجمينٽ ۽ بنيادي ڍانچي جي بهتري جي ضرورت آهي. هن چيو ته پورٽ کي شاهراهه ڀٽو سان ڳنڍڻ سان شهر ۾ هيوي ٽريفڪ جي مسئلن ۾ نمايان گهٽتائي ايندي.ملاقات ۾ ڪراچي پورٽ کي بلو اڪانومي جو مرڪز بڻائڻ جي امڪانن تي پڻ تفصيلي غور ڪيو ويو.

بقايا 35 بي نقاب

ڪنهن به ثبوت ڪانسواءِ پاڪستان کي ذميوار قرار ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيو پارٽي ميڊيا تي مودي جي ڪٺ پتلين پاڪستان خلاف جنگ جي شروعات ڪرڻ ۽ پاڪ فوج کي نشانو بڻائڻ جو گوڙ مچايو پارٽي ميڊيا مودي جي هندتوا پرست پاليسي کي اختيار ڪندي مسلمانن خلاف نفرت انگيز مواد پکيڙيو ۽ ان دوران مودي جي معمول جي گڏجاڻين کي به ڀارتي ميڊيا تي سنسني جنگي قدمن طور پيش ڪيو ويو عالمي ماهرن جو چوڻ آهي ته حقيقتن کي نظرانداز ڪري ڀارتي ميڊيا مسلسل پهلگام فالس فليگ جي آڙ ۾ ايٽمي طاقتن جي ٽڪراءُ جون ڀرپور ڪوششون ڪندي رهي عالمي ماهرن جو چوڻ ته ڀارتي ميڊيا تي ويٺل ڀارت جا اڳواٽا ناڪام فوجي تجزيه ڪندڙ به جنگ کي هٿي ڏيڻ ۾ اڳتي رهيا ڀارتي ميڊيا جو مودي کان ناقص سيڪيورٽي ۽ پاليسي ناڪامي بابت سوال نه ڪرڻ فالس فليگ جو واضح ثبوت آهي

بقايا 36 قرار

مقرر ڪرڻ جو اختيار حاصل آهي. عدالت چيو ته ميڊيڪل تعليم هڪ مقدس پيشو آهي جنهن ۾ ميرٽ تي ڪو به سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي.عدالت موجب سنڌ حڪومت پڻ ميرٽ گهٽائڻ جي مخالفت ڪئي آهي. عدالت چيو ته پي ايم ڊي سي پاران ڏاخلائن ۾ واڌ قانون مطابق ناهي. عدالت چيو ته سپريم ڪورٽ پڻ خالي سيٽن جي بنياد تي ميرٽ گهٽائڻ کي درست قرار ناهي ڏنو. عدالت موجب خالي سيٽن جو حل معيار گهٽائڻ نه پر حقدار شاگردن کي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي. عدالت چيو ته سنڌ پرائيويٽ ايجوڪيشنل انسٽيٽيوشنز رولز 2005 تحت نجي ادارن لاءِ 10 سيڪڙو شاگردن کي مفت تعليم ڏيڻ لازمي آهي. عدالت افسوس ظاهر ڪيو ته ان قانون تي عملدرآمد ناهي ٿي رهيو.عدالت چيو ته معيار گهٽائڻ سان ميرٽ تي پورو لهندڙ شاگردن سان ناانصافي ٿيندي. عدالت هدايت ڪئي ته پي ايم ڊي سي هر سال اڳواٽ داخلا پاليسي ۽ شيڊول جاري ڪري. عدالت حڪم ڏنو ته مقرر ڪيل معيار ۾ بعد ۾ ڪا به تبديلي نه ڪئي وڃي. عدالت سنڌ حڪومت کي هدايت ڪئي ته خالي سيٽن بابت پي ايم ڊي سي سان گڏجي جامع پاليسي تيار ڪري.

بقايا 37 بازياب

لاڙڪاڻي جي محلي الله آباد سان تعلق رکندڙ فريادي مسمات حسينا زال منٺار جوڳي وومين پروٽيڪشن سيل لاڙڪاڻو رينج ۾ اچي درخواست داخل ڪئي ته منهنجو مڙس منٺار جوڳي سون تي تشدد ڪري زبردستي منهنجا ٻار سون کان کسي پاڻ سان گڏ شڪارپور جي ڳوٺ وزيرآباد ڪٺي ويو آهي. جنهن ۾ منهنجي 14 سالن جي نابالغ ڌيءُ سائرا جي شادي ڪرائڻ ٿو چاهي جيڪو هڪ غيرقانوني ۽ غير شرعي عمل آهي، جنهن تي انچارج وومين پروٽيڪشن سيل لاڙڪاڻو رينج ڪاروائي ڪندي شڪارپور ضلعي جي علائقي وزيرآباد مان 14 سالن جي ٽينگري سائرا کي پنهنجي ڀين ڀينرن ۽ ڀائرن سميت باحفاظت بازياب ڪرائي ورتو.

بقايا 38 گاڏي هٿ

سان ڀريل هڪ مزدا گاڏي برآمد ڪري ورتي. ڪارروائي دوران پوليس جوابدار محمد جبران ولد محمد حسين پٺاڻ کي گرفتار ڪري ورتو جيڪو منشيات جي ترسيل ۾ ملوث هو. جوابدار جي قبضي مان آلو ڀريل مزدا گاڏي مان 150 بورا وزن تقريبن 1500 ڪلو منشيات (چرس) برآمد ڪري قبضي ۾ ورتي وئي. جوابدار خلاف لاڳاپيل قلم هيٺ ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ جاري ڪري ڇڏي آهي. ابتدائي جاچ موجب جوابدار منشيات جي هڪ منظم نيٽورڪ سان لاڳاپيل آهي جڏهن ته سندس ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا 39 فوت

ٿي ويا. جڏهن ته فائرنگ ۾ 5 ڄڻا زخمي پڻ ٿي پيا آهن شرافي ڳوٺ ٿاڻي جي حد لانڍي فيوچر موڙ جي علائقي معين آباد ڊاکخانا جي ويجهو بن ڌرين جي وچ ۾ ڌاڙي جهيڙي جي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ سبب 45 سالن جو منير احمد ولد عبدالقيوم قتل ٿي ويو آهي جڏهن ته 2 ڄڻا جنيد شاهه ولد گل بادشاهه ۽ سندس پيءُ گل بادشاهه ولد سخي شاهه زخمي ٿي پيا آهن. واقعي جو اطلاع ملندي پوليس پهچي وئي ۽ علائقي جو گهيراءُ ڪري مقتول جو لاش ۽ زخمين کي جناح اسپتال منتقل ڪري واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڏني آهي. لياري جي علائقي ماڙيپور روڊ تي پيپلز اسٽيڊيم جي ويجهو گٽر مان 53 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو بريگيڊ ٿاڻي جي حد صدر پلازا ايم اي جناح روڊ کان مزار قائد ويندي روڊ جي ڪناري تان 30 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو سعيد آباد ٿاڻي جي حد بلديا ٽائون نمبر 9 خانگي اسپتال جي ويجهو فٽ پاٿ تان 30 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو سائيٽ بي ايريا ٿاڻي جي حد سائيٽ بي جي علائقي نيشنل فوڊ ڪمپني جي ويجهو 25 سالن جي نامعلوم نوجوان جو لاش مليو آهي. نيو ڪراچي ٿاڻي جي حد نيو ڪراچي سيڪٽر 11 جي ويجهو بلال مسجد شاهه جي هوٽل جي لڳ روڊ ڪناري تان 60 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو ڪورنگي انڊس چورنگي سنگل پليا جي ويجهو ڪمپني جي اندر ڪم ڪرڻ دوران مٿان وزني شيءِ ڪرڻ جي نتيجي ۾ مزدور 22 سالن جو محمد علي ولد اڪبر احمد فوت ٿي ويو مومن آباد ٿاڻي جي حد اورنگي ٽائون سيڪٽر 4 ايف بسم الله آٽا چڪي لڳ جهيڙي جي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ محمد اريب ولد عابد علي خان زخمي ٿيو

بقايا 40 پيٽرول مهانگو

ڪري ڇڏي آهي. رات دير سان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن مطابق پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ 26 روپيا 77 پئسا واڌارو ڪيو ويو آهي پيٽرول جي في ليٽر نئين قيمت 393 روپيا 35 پئسا ۽ ڊيزل جي في ليٽر قيمت 380 روپيا 19 پئسا مقرر ڪئي وئي آهي

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

(EPADS ذريعي هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار)

SPPRA رولز 2010 (تازي ترميم تائين) جي مطابق، SPPRA رول 46(1) جي تحت هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار تحت اِي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي سيني اهل دلچسپي رکندڙ واڪ ڊينڊرن/فرمن/پارٽين وغيره کان هيٺين ڪمن لاءِ آڇون گهرائجن ٿيون:

نمبر شمار	مضمون جو تفصيل	ڪم مڪمل ڪرڻ جو وقت	آڇ جو طريقو	بڊ سيڪيورٽي رقم	کولڻ جي تاريخ
.01	اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ SSU لاءِ ٽرانسپورٽ جي مرمت	15 ڏينهن	هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار SPPRA رول 46(1) سڀ کان وڌيڪ فائدي واري آڇ	662,000/-	13-05-2026

شرط ۽ ضابطا:

1. ٽينڊر جو شيڊول هيٺينءَ ريت هوندو:

سرگرمي	تاريخ ۽ وقت	مقام
درخواستن جي وصولي ۽ ٽينڊرن جو جاري ٿيڻ	اشاعت جي تاريخ کان 13-05-2026 منجهند 12:00 وڳي تائين	اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ SSU هيڊ ڪوارٽر، حسن اسڪوائر، ايڪسپو سينٽر جي ويجهو، ڪراچي
آڇون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ	13-05-2026 منجهند 02:30 وڳي تائين	صرف EPAD سسٽم ذريعي
ٽينڊر کولڻ	13-05-2026 منجهند 03:00 وڳي	صرف EPAD سسٽم ذريعي

2. واڪ دستاويز EPADS ويب سائيٽ (portalsindh.eprocure.gov.pk) تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
3. بڊ سيڪيورٽي مٿي ڄاڻايل رقم جي برابر، ڪمپني/فرم جي اڪائونٽ تان ڪنهن به شيڊولڊ بينڪ جي پي آرڊر جي صورت ۾ جيڪو AIGP/Security SSU Karachi جي نالي هجي. ٽينڊر/واڪ دستاويزن سان گڏ لازمي طور تي شامل هجڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ ٽينڊر رد ڪيو ويندو
4. سڀ دستاويزن جو هڪ ڪاپي سيٽ ۽ پي آرڊر/ بينڪ ڊرافٽ/ CDR جي شڪل ۾ بڊ سيڪيورٽي جي فوٽو ڪاپي، اي-آڇ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ ڪمانڊنٽ اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (SSU) حسن اسڪوائر ڪراچي جي آفيس ۾ جمع ڪرائڻ جو مشورو ڏنو وڃي ٿو
5. ٽينڊر في جي رقم 2,000 روپيا روڪ ادائگي (ناقابل واپسي) ۽ مٿي ڄاڻايل اصل بڊ سيڪيورٽي پي آرڊر/ بينڪ ڊرافٽ/ CDR جي شڪل ۾ اي-آڇ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ پروڪيورنگ ايجنسي تائين پهچڻ گهرجي، جيڪي ساڳئي ڏينهن منجهند 03:00 وڳي آفيس آف دي ڪمانڊنٽ اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (SSU)، هيڊ ڪوارٽر حسن اسڪوائر، ايڪسپو سينٽر جي ويجهو ڪراچي ۾ تمام پروڪيورمينٽ ڪميٽي ميمبرن ۽ انهن ٺيڪيدارن/ پارٽين/ فرمن/ واڪ ڊينڊرن جيڪي موجود رهڻ چاهين، جي موجودگي ۾ کوليون وينديون.
6. صرف اليڪٽرانڪ آڇون EPADS ذريعي جمع ڪرايون وڃن: دلچسپي رکندڙ واڪ ڊينڊرن کي گهرجي ته اهي اليڪٽرانڪ آڇون جمع ڪرائڻ لاءِ پاڻ کي EPAD سسٽم جي هن لنڪ https://sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration تي رجسٽر ڪن:
7. جيڪڏهن ڪي به جعلي دستاويز مليا ته ٽينڊر رد/ منسوخ ڪيو ويندو ۽ ڪنهن به معاوضي جي بغير قانون موجب ڏنڊ وڌو ويندو.
8. پروڪيورنگ ايجنسي SPPRA رولز 2010 (تازي ترميم تائين) جي رول-25 جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن به وقت آڇ جي منظوري کان اڳ سيئي يا ڪنهن به آڇ/ ٽينڊر کي رد ڪري سگهي ٿي.
9. آڇ جو ڪارآمدي مدو 90 ڏينهن آهي

هيٺين شرطن جي صورت ۾ آڇ رد ڪئي ويندي:
i. شرطيه ۽ ٽيلي گرافڪ آڇون / ٽينڊر.
ii. اهي آڇون جن سان گڏ گهربل رقم ۽ فارم ۾ بڊ سيڪيورٽي شامل نه هوندي.
iii. مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کان پوءِ حاصل ٿيل آڇون.
iv. بليڪ لسٽ ٿيل فرمن جون آڇون.
v. هٿ سان لکيل ٽينڊر ۽ اوور رائٽنگ وارا ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا / نااهل قرار ڏنا ويندا. حڪومتي رولز / پاليسي جي خلاف شرطيا ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.

رابطي جا تفصيل: (فون: 021-99244643، فيڪس: 021-99243865)

چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي،
سپرنٽينڊنٽ آف پوليس،
اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ(SSU)
سنڌ پوليس، ڪراچي

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/1601/2026

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، ريسرچ ڊويزن، ڪراچي

ايس. ٽي/2، بلاڪ-اين، سخي حسن، نارٿ ناظم آباد، ڪراچي
فون نمبر: 02136645777 | نمبر: TC/G-55/214 of 2026 | تاريخ: 23/04/2026

درخواست پروپوزل گهرائڻ لاءِ
(RFP) دعوت نامو

سنڌ ۾ اسڪارپ ۽ ايل. بي. او. ڊي جي موجوده انڊر گرائونڊ ڊرينيج اسڪيمن جي بحالي ۽ بهتري جي جائزي ۽ ڊيزائن جي مطالعي لاءِ ڪنسلٽنسي سروسز جي حاصلات

آبپاشي کاتو، حڪومت سنڌ، سنڌ ۾ اسڪارپ ۽ ايل بي او ڊي جي موجوده انڊر گرائونڊ ڊرينيج اسڪيمن جي بحالي ۽ بهتري جي جائزي ۽ ڊزائن جي مطالعي لاءِ اِي-پيڊس ذريعي اليڪٽرانڪ طور تي مناسب، باصلاحيت، تجربيڪار ۽ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان رجسٽرڊ فرمز کان ايس. پي. پي. آر. آءِ رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) تحت خدمتون حاصل ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو

خاص هدايتون:

- دلچسپي رکندڙ فرمز کي اها پڪي معلومات فراهم ڪرڻي پوندي جنهن مان ظاهر ٿئي ته اهي اها خدمت سرانجام ڏيڻ جي لائق آهن.
- اختياريءَ کي ايس. پي. پي. آر. آءِ رولز جي هدايتن تحت ڪنهن به يا سيني پروپوزلز (RFP) کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق حاصل آهي.

جاچ جو معيار:

ڪنسلٽنگ فرم جي شارٽ لسٽنگ/چونڊ ڪواليٽي ۽ ڪاسٽ بيسڊ سليڪشن (QCBS) طريقي ۽ پروپوزل (RFP) ۾ بيان ڪيل طريقيڪار مطابق، ايس. پي. پي. آر. آءِ رولز 2010 (تازي ترميم تائين) تحت ڪئي ويندي. ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل پروپوزل جي جاچ ترتيب وار ٪80 ۽ ٪20 اختيار ڪئي وئي آهي، ۽ هيٺين معيارن کي پڻ نظر ۾ رکيو ويندو:

- فرم جي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان رجسٽريشن.
- ليڊ فرم وٽ گذريل پنجن سالن دوران ساڳئي ماحول ۾ فزيبلٽي اسٽڊيز جا گهٽ ۾ گهٽ به تجربا هجن.
- آڇ هڪ ئي مرحلي تي ٻڌل هوندي جنهن ۾ ٻه الڳ لفافا هوندا. هر لفافي ۾ (الڳ الڳ) ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل هوندو. مونجهاري کان بچڻ لاءِ لفافن تي واضح اکرن ۾ "Technical Proposal" ۽ "Financial Proposal" لکيو وڃي
- کوليل ٽيڪنيڪل پروپوزل جي جاچ فرم جي ٽيڪنيڪل صلاحيتن مطابق ڪئي ويندي جيئن آر. ايف. پي بڪ ۾ ذڪر ٿيل آهي.
- اهي ڪنسلٽنٽ جيڪي آر. ايف. پي دستاويز مطابق ٪70 مارڪون حاصل ڪندا، اهي ئي فنانشل پروپوزل کلڻ جا اهل هوندا.
- ٽيڪنيڪل طور تي اهل فرمز جون مالي آڇون/پروپوزلز ان تاريخ ۽ وقت تي کوليا ويندا جيڪي اڳواٽ ئي سيني اهل فرمز کي لکت ۾ ٻڌايا ويندا.
- ٽيڪنيڪل طور تي نااهل فرمز جون مالي آڇون يا پروپوزل ڪين اڻ کليل واپس ڪيا ويندا.
- ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل پروپوزل اِي-پيڊس ذريعي پروڪيورمينٽ ڪميٽي ۽ شرڪت ڪندڙ ڪنسلٽنٽ فرمز جي موجودگيءَ ۾ کوليا ويندا.
- فنانشل آڇ سان گڏ ٪5 بڊ سيڪيورٽي شامل هجڻ گهرجي.
- هڪ ليڊنگ فرم سان گڏ هڪ ڪنسلٽنٽ فرم کي جوائنٽ وينچر طور آڇ ڏيڻ جي اجازت آهي.
- عملي ۾ مناسب مهارتن جي دستيابي (بشمول ڊرينيج انجنيئر / سول انجنيئر، هائيڊرولڪ ماڊلر، ماحولياتي ماهر، جي.آءِ.ايس اينالسٽ، سوشل سيف گارڊز ايڪسپرٽ، سينيئر انجنيئر).
- مناسب سامان ۽ مهارت جي دستيابي.
- ساڳئي نوعيت جي ڪمن ۽ منصوبن ۾ تجربو
- اين ٽي اين، انڪم ٽيڪس، پي.آءِ.سي رجسٽريشن ۽ سيلز ٽيڪس رجسٽريشن وغيره.
- فرم گذريل ڏهن سالن دوران نيب سان ڪو به پلي بارگين نه ڪيو هجي.

آر.ايف.پي ۾ هيٺيان دستاويز شامل آهن:

سيڪشن	1 _	دعوت نامو
سيڪشن	2 _	ڪنسلٽنٽس لاءِ هدايتون (بشمول ڊيٽا شيٽ).
سيڪشن	3 _	ٽيڪنيڪل پروپوزل _ اسٽينڊرڊ فارمز
سيڪشن	4 _	مالي پروپوزل _ اسٽينڊرڊ فارمز
سيڪشن	5 _	شرطن جا حوالا.
سيڪشن	6 _	معاهدي جو اسٽينڊرڊ فارم.

مٿي ڄاڻايل ڪم لاءِ دستاويز يعني آر.ايف.پي، اِي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) پورٽل يا SPPRA جي ويب سائيٽ (https://portalsindh.eprocure.gov.pk) تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. ايس پي پي آر اي پورٽل تي اين آءِ ٽي جاري ٿيڻ جي تاريخ 14-05-2026 کان منجهند 01:00 وڳي تائين، لکت ۾ درخواست ۽ 3000 روپيا ٽينڊر في (ناقابل واپسي) ڊيمانڊ ڊرافٽ يا پي آرڊر جي شڪل ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر ريسرچ ڊويزن ڪراچي جي نالي جمع ڪرائي سگهجي ٿي. آر.ايف.پي دستاويز جنهن ۾ تفصيلي هدايتون، شرط ۽ ضابطا موجود آهن، اهي اِي-پيڊس تي رجسٽرڊ آڇ ڏيندڙن لاءِ دستياب آهن.

کولڻ جي تاريخ ۽ جڳهه	جمع ڪرائڻ: 14-05-2026 منجهند 01:00 تائين (E-PADS ذريعي)	کولڻ: 14-05-2026 منجهند 02:00 وڳي (E-PADS ذريعي)
	آفيس آف دي ڊائريڪٽر هائيڊرولاجي اينڊ ريسرچ ان سنڌ، حيدرآباد، سامهون صائمه پلازا ڪالي موري حيدرآباد.	

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
ريسرچ ڊويزن، ڪراچي

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/1616/2026

Saturday 25 april 2026

چنڇر 25 اپريل 2026ع

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پوليس کي درون ڏيٺ کان پهريان اخلاقي تربيت ڪرڻ گهرجي!
صفحو 4

راجا زاد اختر خانزاد
صفحو 4
هرمز جون بارودي سُرنگون، خالي ٽينڊر، هٿيار خانو ۽ اهڙا جنگ جنهن جو ڪو انجام ناهي!

هن جديد دور ۾ ڪنهن ملڪ جي وجود کي متاثڻ جو خواب!
مير قائم خان ٽالپر
صفحو 4

مختيار انڙ
صفحو 4
اڄوڪو ڏينهن - 25 اپريل

مٽياري ۾ تعليم کاتي پاران ”پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ“ جي سري هيٺ آگاهي ريلي

ضلعي آفيسر مٽياري صدف اڪبر ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ تعليمي جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

تعليم ئي اهو هٿيار آهي، جنهن سان اسين دنيا جي هر قسم جي ڪاميابي حاصل ڪري سگهون ٿا: صدف اڪبر ميمڻ

سنڌ ۾ اڄ به سترلک ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن، انهن کي تعليم سان آراسته ڪرڻ لاءِ انهن مائٽن کي سجاڳ ٿيڻ گهرجي

مٽياري: تعليم کاتي پاران ”پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ“ جي سري هيٺ آگاهي ريلي

مٽياري(ڏ ر) حڪومت سنڌ جي تعليم کاتي طرفان داخلا مهم جي سلسلي ۾ مٽياري ۾ ضلعي آفيسر مٽياري صدف اڪبر ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ تعليمي جاڳرتا مهم جي سلسلي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول مٽياري کان سٽي پريس ڪلب تائين ڪڍي وئي، جنهن پرائمري سطح جي بوائز ۽ گرلس اسڪولن جي تدريسي، غير تدريسي عملي ۽ وڏي انگ ۾ شاگردن حصو ورتو ريليءَ ۾ استادن ۽ شاگردن وڏي جوش و خروش سان نعرا بلند ڪندي مائٽن کي تعليم جي اهميت کان آگاهه ڪيو ۽ انهن کي پنهنجن ٻارڙن کي اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ همٿايو جنهن کي استادن ۽ تعليمي آفيسرن خطاب ڪندي چيو ته تعليم ئي اهو هٿيار آهي جنهن سان اسين دنيا جي هر قسم جي ڪاميابي حاصل ڪري سگهون ٿا ۽ تعليم ئي اهو هٿيار آهي جنهن جي استعمال سان سراسر لاڀ ئي لاڀ آهي ان مان ڪنهن به قسم جو ڪنهن جو ڪو نقصان ڪونهي. تعليمي ريليءَ ۾ ضلعي آفيسر مٽياري ميڊم صدف اڪبر ميمڻ، اظهر سعيد ميمڻ منظور علي ڏاهري، حافظ امتياز احمد خاصخيلي ميڊم پره ميمڻ، بشير احمد ڪٽري، اسلم ميمڻ ۽ وڏي تعداد ۾ استاد ۽ شاگرد شامل هئا. اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ اڄ به سترلک ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن انهن کي تعليم سان آراسته ڪرڻ لاءِ انهن مائٽن کي سجاڳ ٿيڻ گهرجي ۽ پنهنجن معصوم گلن جهڙن ٻارڙن کي تعليم ڏياري بهترين سماجي فرد بڻائڻ ۾ پنهنجو جوڳو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي اڄ جو ٻار سڀاڻي جو معمار هوندو جيڪو تعليم يافته نه هوندو ته ملڪ جو واڳون ڪيئن سنڀالي سگهندو تنهن ڪري اسان کي پنهنجي ننڍين معصوم ٻارن جي روشن مستقبل لاءِ اڄ ئي قدم کڻڻو پوندو ۽ ٻارن جي سٺي تربيت لاءِ سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻو پوندو جتي تعليم مفت ۽ استاد بهترين علمي ۽ فني مهارت رکندڙ موجود آهن سرڪاري اسڪولن ۾ نه رڳو معياري تعليم ڏني وڃي ٿي پر اتي شاگردن جي مختلف پروگرام ۽ سرگرميون ڪرائي تربيت پڻ ڏني وڃي ٿي

ڪراچي جي ناردرن بائي پاس تي قائم ڪيل ’عوام دوست مويشي منڊي‘ ۾ قرباني جي جانورن جي آمد

’عوام دوست مويشي منڊي جي فنڪشنل ٿيڻ جي 19هين ڏينهن تي جانورن جو انگ 10 هزار کان تجاوز ڪري ويو

شيخوپوره، رحيم يار خان، ڪشمور ۽ ملڪ جي ٻين مختلف ضلعن مان اينداڙ خوبصورت جانور مختلف بلاڪن جي زينت بڻجي ويا

واپارين کي پنهنجي جانورن لاءِ جيتري مقدار ۾ چاهين مفت چارو آٽڻ جي سهولت ڏني وئي آهي: ايڊمنسٽريٽر طارق تنولي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ناردرن بائي پاس تي قائم ڪيل ’عوام دوست مويشي منڊي‘ ۾ قرباني جي جانورن جي آمد ۽ شهرين جي رش سبب رونقون عروج تي پهچي ويون آهن منڊي جي فنڪشنل ٿيڻ جي 19هين ڏينهن تي جانورن جو انگ 10 هزار کان تجاوز ڪري ويو آهي 5 اپريل کان شروع ٿيندڙ هن منڊي ۾ اوچتو تيزي اچڻ ڪانپوءِ هاڻي هر 4 ڪلاڪن ڪانپوءِ جانورن سان ڀريل ٽرڪن جا قافلا مارشلنگ ايريا ذريعي منڊي ۾ داخل ٿي رهيا آهن.انتظاميه موجب شيخوپوره، رحيم يار خان، ڪشمور ۽ ملڪ جي ٻين مختلف ضلعن مان اينداڙ خوبصورت جانور مختلف بلاڪن جي زينت بڻجي رهيا آهن. بيوپارين سان گڏ شهرين جي وڏي انگ پنهنجي فيمليز ۽ ٻارن سان گڏ منڊي جو رخ ڪري ورتو آهي، جتي ٻارڙا خوبصورت جانورن سان سيلفيون ڪڍڻ ۾ مصروف نظر اچن ٿا.ايڊمنسٽريٽر طارق تنولي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته واپارين کي پنهنجي جانورن لاءِ جيتري مقدار ۾ چاهين مفت چارو آٽڻ جي سهولت ڏني وئي آهي هن ٻڌايو ته انتظاميه پاران هيوي جنريٽرن ذريعي منڊي ۾ 24 ڪلاڪ بجلي جي فراهمي يقيني بڻائي وئي آهي، جڏهن ته بهترين سيڪيورٽي ۽ پرامن ماحول سبب رات دير تائين فوڊ اسٽريٽ تي شهرين جو غير معمولي رش رهي ٿو.ٻئي طرف پارڪنگ جي ٺيڪيدار عدنان مطابق ٻن ايڪڙن تي مشتمل پارڪنگ ايريا کي مڪمل طور تي فنڪشنل ڪيو ويو آهي پارڪنگ فيس موٽرسائيڪل لاءِ 50 رپيا ۽ ڪار لاءِ 100 رپيا مقرر ڪئي وئي آهي، جڏهن ته سوزوڪي 500، شهزور ٽرڪ 600، مزدا 800 ۽ رڪشي لاءِ 200 کان 500 رپيا فيس مقرر آهي شهرين جي سهولت لاءِ وڏين گاڏين جا 4 هزار رپين ۾ ماهوار پاس ۽ آن لائن پاسز جي سهولت پڻ فراهم ڪئي وئي آهي

نئون ڪوٽ سب ڊويزن جو پاڻي ڪرپشن جي ور چڙهي ويو، هر هڪ واٽر ڪورس جو اگهه مقرر

نئين مقرر ڪيل آبپاشي ايس ڊي او هر هڪ واٽر ڪورس تي 5 کان 7 لک روپيه رشوت جو اگهه مقرر، آبادگار پريشان

ايس ڊي او آبپاشي پاران داروغن کي آبادگار کان پئسا وصول ڪرڻ جو ڏباءَ رشوت وصول ڪرڻ لاءِ پريشرائيز ڪيو پيو وڃي: آبپاشي عملو

ايس ڊي او رشوت جو اگهه وڌائي اسان کي پنڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي، ايم ڊي منصور ميمڻ نوٽيس وٺي: داروغن جي اپيل

ٺٽي نڪران ع) ملڪوٽو ڪئنال جي پڇڙ واري سب ڊويزن نئون ڪوٽ ۾ هڪ دفعو ٻيهر پاڻي جو نظام ڪرپشن جي ور چڙهي ويو آهي اڳوڻي ايس ڊي او کانپوءِ نئين مقرر ڪيل آبپاشي ايس ڊي او نعمت علي شيخ مختلف شاخن اڪوکو شاخ هوتا شاخ ڏيکلو شاخ ڍيهتي شاخ فضل شاخ سميت سمورين شاخن جي واٽر ڪورسن تي 5 کان 7 لک روپيه رشوت مقرر ڪرڻ جا اطلاع مليا آهن جڏهن ته ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته ڇاڇايل شاخن تي مقرر ڪيل داروغن کي آبادگارن کان رشوت وصولي لاءِ ڏباءَ وڌو پيو وڃي ان حوالي سان هڪ داروغي پنهنجو نالو ظاهر نه ڪرڻ جي شرط تي ٻڌايو ته نئون ڪوٽ سب ڊويزن ۾ نئين مقرر ڪيل ايس ڊي او کي پاڻي ورڇ بابت ڏکي جي به ڄاڻ ناهي بار بار واٽرن کي ٻڌ ڇوڙ ڪئي پئي وڃي جنهن سبب ننڍين آبادگارن کي پاڻي فراهم نٿو ٿئي ۽ هر روز اسان کي آبادگارن کان رشوت وصول ڪرڻ لاءِ پريشر وڌو پيو وڃي اگر اهڙي صورتحال رهي ته ڪم ڪو نه ڪري سگهنداسون ٻئي طرف متاثر آبادگارن ٻڌايو ته آبپاشي ايس ڊي او رشوت جو اگر وڌائي اسان کي پنڻ تي مجبور بڻائي ڇڏيو آهي رشوت نه ڏيڻ جي صورت ۾ واٽرن تي غيرقانوني ڏڪا هڻي پاڻي بند ڪري ظلم ڪيو پيو وڃي ايم ڊي منصور ميمڻ ۽ چونڊيل نمائيندا فوري طور نوٽيس وٺي نااهل ايس ڊي او کي هٽائي انصاف ڪن

نياڻين جي تعليم تمام ضروري آهي: بينظير ڀٽي

علم انهن لاءِ هڪ روشن رستو آهي، جيڪي گمراهه ٿي ويا آهن

اسان کي پنهنجين ڇوڪرين کي تعليم سان آراسته ڪرڻ گهرجي

سوڀوديرو (ن ع) تعليمدان ۽ سماجي شخصيت محترمه بينظير ڀٽي، جيڪا ڇوڪرين ۽ عورتن کي تعليم ۽ فني علم جي زيورن سان متعارف ڪرائڻ جي مشن تي آهي چيو ته اڄ جون ڇوڪريون ملڪ ۽ قوم جي تعمير ۽ ترقي ۾ اڳواٽي وارو ڪردار ادا ڪنديون تنهن ڪري انهن کي علم جي مشعل جي روشني مان فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي نمائندي عبرت سان خاص ڳالهه ٻولهه ڪندي، هن چيو ته علم انهن لاءِ رستو آهي جيڪي گمراهه ٿي ويا آهن اهو امن ۽ امان ۽ ترقي جي معاملن ۾ رڪاوٽن کي دور ڪرڻ ۽ محبت، اتحاد ۽ ايڪتا جي فضا قائم ڪرڻ ۾ هڪ گلدستو ثابت ٿئي ٿو تنهن ڪري، اسان کي پنهنجين ڇوڪرين کي تعليم سان آراسته ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کي فني تعليم پڻ ڏيڻ گهرجي ته جيئن اهي مستقبل ۾ پنهنجي خاندانن جي مدد ڪرڻ ۽ پنهنجي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ ريڙهه جي هڏي ثابت ٿي سگهن هن وڌيڪ چيو ته تعليم سان گڏ، يتيم ٻارن کي فني تعليم فراهم ڪرڻ لاءِ مرڪز قائم ڪيا ويا آهن ته جيئن اهي هتان گريجوئيشن ڪري سگهن ۽ غربت مان ٻاهر نڪرڻ ۾ ٻين جي مدد ڪري سگهن زندگيءَ جي ڏکين حالتن ۾ انهن کي ڪاروبار سان گڏ روحاني ترغيب سان ليس ڪيو ويندو آهي ته جيئن اهي دين ۽ دنيا جي حالتن کي سمجهي سگهن ۽ ٻاڻ کي دنيا ۾ ڪامياب بڻائي سگهن

پاڪستان خاصخيلي اتحاد جو سربراهه مٽياري پهتو شاندار آجيان

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ سنڌي نياڻين جي حراسمينٽ هڪ سازش آهي: سرائي نياز خاصخيلي

گهڻ ملڪي جنگ جي ٽالڻي ڪري پاڪستان ثابت ڪيو ته پاڪستان مضبوط هٿن ۾ آهي

مٽياري(ڏ ر) پاڪستان خاصخيلي اتحاد جو سربراهه ۽ وفاقي وزير براءِ اوورسيز پاڪستاني ۽ انساني وسيلن جي صوبي سنڌ لاءِ اوورسيز پاڪستانين جي معاملن جو ڪوآرڊينيٽر سرائي نياز حسين خاصخيلي جو مٽياري پهچڻ تي پاڪستان خاصخيلي اتحاد ضلع مٽياري جي اڳواڻن منير احمد خاصخيلي، انجنيئر يار محمد خاصخيلي، جي ايم بابو خاصخيلي علي مراد خاصخيلي حاجي هاشم خاصخيلي، علي فيضان خاصخيلي ۽ ٻين پاران پارڻ گلن جي ورکا ڪري سنڌس والهانه استقبال ڪيو ويو برادري جي ماڻهن پاران معزز مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سرائي نياز خاصخيلي جو چوڻ هو ته پاڪستان مسلم ليگ ق جي صدر چوهدري شجاعت ۽ چوهدري سالڪ جو شڪر گذار آهيان جنهن ايڏي عزت بخشي آهي منهنجي لاءِ اهو عهدو انتهائي اهم آهي هڪ سوال جي جواب ۾ سرائي نياز خاصخيلي جو چوڻ هو ته سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ سنڌي نياڻين جي حراسمينٽ سنڌ جي نياڻين کي تعليم کان پري رکڻ جي سازش آهي پر سنڌ جا باشعور ماڻهو اهڙين سازشن کي سڃاڻي ويا آهن هن چيو ته ڪاروڪاري جي ڪڌي رسم سنڌ ۾ سالن کان آهي اهڙي ڪڌي رسم مان جان ڇڏائڻ لاءِ اسان کي اڳيان اچڻو پوندو هڪ سوال جي جواب ۾ پاڪستان خاصخيلي اتحاد جي سربراهه جو چوڻ هو ته هن وقت دنيا ۾ جيڪا پاڪستان جي عزت ٿي آهي ان جو سمورو ڪريڊٽ فيلڊ مارشل عاصم منير ڏانهن وڃي ٿو عاصم منير جي دليراڻا فيصلن ۽ سفارتي ڪوششن سبب ڀهريان اسان انڊيا کي عبرتناڪ شڪست ڏني ان بعد آمريڪا ، ايران واري گهڻ ملڪي جنگ جي ٽالڻي ڪري پاڪستان ثابت ڪيو ته پاڪستان مضبوط هٿن ۾ آهي ان موقعي تي فيض محمد خاصخيلي، عبدالجبار خاصخيلي، غلام حيدر خاصخيلي، مشتاق سروري ۽ ٻيا به ساڻس گڏ هئا

پ پ اڳواڻ فهد علي شاهه جيلاني ۽ بئريسٽر اسفند يار ڪرل جي واکاڻ

علائقي جي نوجوانن سان گڏ پي پي پي ووٽرن جي دلين ۾ جاءِ ناهي ورتي

عوامي خدمت جو پ پ جو منشور ۽ اسان جو نعرو آهي: فهد شاهه جيلاني/اسفند يار ڪرل

سوڀوديرو (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جا نوجوان ستارا سيد فهد علي شاهه جيلاني ۽ بئريسٽر اسفند يار ڪرل علائقي جي نوجوانن سان گڏ پي پي پي ووٽرن جي دلين ۾ جاءِ ناهي ورتي آهي پي پي پي ووٽرن چيو ته قومي اسيمبلي جي ٽڪ اين اي 204 مان چونڊيل سيد جاويد علي شاهه جيلاني جو پٽ ضلعي ڪائونسل خيرپور جو وائيس چيئرمين سيد فهد شاهه جيلاني پنهنجي پيءُ جي ٽڪ ۾ عوامي ڪڏجاڻيون منعقد ڪري ماڻهن جي مسئلن کي انهن جي درن تي حل ڪرڻ لاءِ سرگرم ٿي ويا آهن صوبائي ٽڪ پي ايس 30 مان چونڊيل سنڌ اسيمبلي جي ميمبر جاري رکندي عوام جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ به ڪم ڪري رهيو آهي روزاني عبرت سان ڳالهائيندي، پي پي پي جي نوجوان قيادت چيو ته عوامي خدمت جو پي پي پي جو منشور انهن جو نعرو آهي. اسين عوام جا خادم بڻجي، سرسبز سنڌ ۽ تعليم يافته سنڌ سان گڏ سرسبز سنڌ جي مشن کي جاري رکي رهيا آهيون. ضلعي ڪائونسل جي وائيس چيئرمين سيد فهد شاهه جيلاني چيو ته ضلعي ڪائونسل جي ميمبرن کي پابند ڪيو ويو آهي ته اهي ضلعي ۾ انهن کي ڏنل ترقياتي اسڪيمن کي جلد کان جلد مڪمل ڪن ته جيئن عوام کي فائدو

حيدرآباد ۾ صحت کاتي پاران حفاظتي ٽيڪن جي عالمي هفتي جو افتتاح

ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ ۽ ڊي ايڇ او حيدرآباد افتتاح ڪيو

ويڪسينيشن ٻارن جي زندگي بچائڻ جو سڀ کان مؤثر ۽ محفوظ طريقو آهي: ڊي سي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ صحت کاتي پاران حفاظتي ٽيڪن جي عالمي هفتي سلسلي ۾ حفاظتي ٽيڪن جي اهميت کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ سنڌ گورنمينٽ اسپتال شاهه لطيف ۾ افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن جي افتتاح ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ ڊي ايڇ او حيدرآباد ڊاڪٽر پير غلام حسين ڪئي ڊپٽي ڪمشنر زين العابدين ميمڻ ۽ ڊي ايڇ او حيدرآباد چيو ته تقريب جو مقصد ماڻهن ۾ ويڪسينيشن بابت شعور پيدا ڪرڻ ۽ ٻارڙن کي بچاءَ لاءِ ٽيڪا لڳرائڻ لازمي آهي هنن چيو ته ويڪسينيشن ٻارن جي زندگي بچائڻ جو سڀ کان مؤثر ۽ محفوظ طريقو آهي جيڪو ٻارن کي 13 بيمارين بچائي ٿو هنن چيو پنهنجي ٻارڙن جي محفوظ مستقبل لاءِ ڪين مڪمل ويڪسينيشن ضرور ڪرايو تقريب ۾ ويڪسينيشن بابت معلوماتي اسٽالن جو پڻ لڳايا ويا

حيدرآباد: صحت کاتي پاران حفاظتي ٽيڪن جي عالمي هفتي جو افتتاح

گولاڙچي ۾ شراب خاني جي قيام خلاف احتجاجي ريلي

علما ايڪشن فورم جي سڏ تي جامعه مدينه مسجد کان ريلي نڪتي

گولاڙچي ۾ شراب خاني جو قيام ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي: اڳواڻ

گولاڙچي (ن ع) گولاڙچي ۾ شراب خاني جي قيام خلاف علما ايڪشن فورم جي سڏ تي جامعه مدينه مسجد کان شهيد فاضل راهو چوڪ تائين وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن بعد ڌرڻو پڻ هنيو ويو. ريلي ۾ شهرين، علما، واپارين ۽ مختلف مذهبي جماعتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ ”شراب خانو نامنظور“ جا نعرا هنيا. ريلي جي اڳواڻي مولانا فتح محمد مهيري، علي مردان شاهه، مولوي عاطف گجي غلام رسول سميجو ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته گولاڙچي ۾ شراب خاني جو قيام ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي اهڙيون سرگرميون نوجوان نسل کي تباهي ڏانهن ڌڪي رهيون آهن. هنن وڌيڪ چيو ته حڪومت فوري طور شراب خاني جو منصوبو ختم ڪري ۽ علائقي جي ترقي لاءِ تعليمي ادارا اسپتالون ۽ يونيورسٽيون قائم ڪري، جيئن نوجوانن کي تعليم ۽ بهتر مستقبل جا موقعا ملي سگهن. اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن مطالبا نه مڃيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو. احتجاج دوران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا، جڏهن ته ريلي پرامن نموني سان پنهنجي منزل تي پهچي اختتام پذير ٿي.

هاءِ ويز (ورڪس اينڊ سروسز) ڊپارٽمينٽ ورڪرز يونين سنڌ جي ڪڏجاڻي

عثمان شاهه هڙي ۾ ملازمن کي درپيش مسئلن ۽ سنڌن حقن بابت تفصيلي ڳالهيون

اعليٰ اختيارين فوري طور تي مسئلن جو نوٽيس وٺي حل لاءِ سنجيده قدم کڻن: غلام مصطفيٰ سليو

عثمان شاهه هڙي(ت ر) هاءِ ويز (ورڪس اينڊ سروسز) ڊپارٽمينٽ ورڪرز يونين سنڌ حيدرآباد جي سڏ تي ورڪرز پاران هڪ اهم ڪڏجاڻي ٿي جنهن ۾ ملازمن کي درپيش مسئلن ۽ سنڌن حقن بابت تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون ان موقعي تي يونين اڳواڻن غلام مصطفيٰ سليو، غلام رسول چچڙو، علي محمد لغاري، اظهر حسين ميرجت ۽ ٻين چيو ته کاتي ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن کي ڪيترن ئي بنيادي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جن ۾ پگهارن، سهولتن ۽ ٻين انتظامي معاملن بابت شڪايتون شامل آهن هنن مطالبو ڪيو ته اعليٰ اختيارين فوري طور تي انهن مسئلن جو نوٽيس وٺي حل لاءِ سنجيده قدم کڻن اجلاس دوران يونين جي عهديدارن زور ڀريو ته جيڪڏهن ملازمن جا جائز مطالبا قبول نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو اڳواڻن وڌيڪ چيو ته مزدورن جي حقن يونين اڳواڻن حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کي اپيل ڪئي ته ملازمن جي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪري ڪين رليف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ايندڙ ڏينهن ۾ وڌيڪ سخت قدم کنيا ويندا.

سيهڙ وليج ۾ منشيات فروشن جي گرفتاري لاءِ پوليس چڙهائي

عورتن جي مزاحمت، ڇڪريون، منشيات فروش فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب

پوليس طرفان 31 ڄڻن تي ڊيوٽي اٽڪاءِ ۽ منشيات وڪري جو ڪيس داخل

سيهڙ اسٽيشن (رپورٽ: وقار علي هيسباڻي) سنڌ پوليس طرفان صوبي ۾ منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪرڻ واري اعلان بعد تعلقي ڏوڪري جي مختلف ٿاڻن جي پوليس سيهڙ ٿاڻي جي حد ۾ منشيات فروشن جي گرفتاري لاءِ ڳوٺ سيهڙ وليج تي چڙهائي ڪئي پوليس چڙهائي دوران عورتن جي پوليس سان مزاحمت ۽ ڇڪرين سبب گهربل منشيات فروش فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس طرفان منشيات فروشن جي ماڻُن ۽ مزاحمت ڪندڙن تي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي. هوڏانهن سيهڙ پوليس جوابدار جي گرفتاري دوران پوليس سان ڊيوٽي اٽڪاءِ ۽ پوليس مٿان عورتن ۽ مردن جي حملي ڪرڻ تي سرڪاري فرياد تي 31 ڄڻن خلاف ڊيوٽي اٽڪاءِ پوليس حملي ۽ منشيات وڪرو ڪرڻ جا ڏنڀ قلم هٿي 9 سڃاتل ۽ 22 اڻ سڃاتل عورتن سميت مردن تي ڪيس داخل ڪيو آهي.ان ڏس ۾ سيهڙ ٿاڻي جي پوليس جو چوڻ آهي ته ڳوٺ سيهڙ وليج ۾ منشيات فروشن جي گرفتاري لاءِ ريڊ پوليس پارٽي تي عورتن ۽ مردن حملو ڪري منشيات فروشن کي ڇڏائي غير قانوني ڪم ڪيو آهي.سيهڙ پوليس موجب 31 ڄڻن تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري عدالت اڳيان پيش ڪيو ويندو

سيهڙ: عورتن جي مزاحمت، ڇڪريون منشيات فروش فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب

ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئشن مٽياري ۾ اليڪشن 2026 بنا مقابلي اميدوار ڪامياب

صدر لاءِ بادل ڳاهوٽي ۽ جنرل سيڪريٽري لاءِ ذيشان بشير چانڊيو ڪاميابي ماڻي ورتي

شيراز علي، فدا حسين، عبدالجبار ڪلهوڙو، غلام شبير، عبدالواحد سومرو بنا مقابلي ڪامياب

مٽياري(ڏ ر) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئشن مٽياري ۾ اليڪشن 2026 بنا مقابلي اميدوار ڪامياب سنڌ بار ڪائونسل پاران ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئشن مٽياري جي سالياني اليڪشن لاءِ شيڊول جاري ڪيو ويو جنهن ۾ ضلع صدر سميت مجموعي طور 13 سيٽن تي مقابلو ٿيڻو هو جنهن ۾ سيني سيٽن تي بنا مقابلي اميدوار ڪامياب ٿي ويا جن ۾ ضلع صدر لاءِ بادل ڳاهوٽي، وائيس پريزيڊينٽ لاءِ امداد علي ميمڻ جنرل سيڪريٽري لاءِ ذيشان بشير چانڊيو جوائنٽ سيڪريٽري لاءِ انتظار علي، لائبرري سيڪريٽري عاقل ميمڻ ٽريزرار لاءِ عنايت حسين عرف شوال خان ڪامياب ٿيا جڏهن ته ميمبر مينيجنگ ڪميٽي لاءِ 7 اميدوار جن ۾ خادم حسين احسان علي قاضي، شيراز علي، فدا حسين، عبدالجبار ڪلهوڙو، غلام شبير عبدالواحد سومرو بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا جن خلاف ڪنهن به مخالف وڪيل اميدوار فارم نه ڀرايا

گورنمينٽ بوائز سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ ڪتاب تقسيم

ٽي اي او سيڪنڊري ميل عبدالقيوم سومرو ٻارن ۾ مفت درسي ڪتاب ورهايا

مفت درسي ڪتابن جي ورهاست ڪري خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون: عبدالقيوم سومرو

شهدادڪوٽ(ڏ ر) گورنمينٽ بوائز سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ تعليم کاتي پاران ٻارڙن لاءِ موڪليل مفت درسي ڪتاب ٽي اي او سيڪنڊري ميل عبدالقيوم سومرو اسڪول جي هيڊ ماسٽر غلام نبي قريشي ۽ ايس ايم سي جي چيئرمين ۽ نالي واري سماج سڌارڪ اڳواڻ خدا دوست بروهي ٻارڙن ۾ ورهايا ان موقعي تي ڳالهائيندي ٽي اي او سيڪنڊري ميل عبدالقيوم سومرو هيڊ ماسٽر غلام نبي قريشي ۽ چيئرمين خدا دوست بروهي چيو ته ٻارڙن لاءِ مفت درسي ڪتاب جي موجودگي ۽ ورهاست ڪري خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون هي سنڌ سرڪار خاص طور تعليم کاتي جو انقلابي قدم آهي جنهن جي ساراهه ڪيون ٿا والدين کي گهرجي ته سرڪاري تعليمي ادارن ۾ ٻارڙن کي داخلا وٺي ڏيو جتي ڪتاب مفت ۽ فيس معاف سان گڏوگڏ بهترين قابل استاد ۽ سمورين سهولتون موجود آهن هنن وڌيڪ چيو ته تعليم پرائڻ کان سواءِ ترقي ۽ تبديلي ناممڪن آهي

جهنڊو عرف شوڪت خان لنڊ فراڊ ڪيو آهي، نوٽيس ورتو وڃي: ڪيول ڪچي

ٽنڊوالهيار (ڏ ر) ٽنڊوالهيار جي ديه شيخ موسي جي ڳوٺ ڪچي ڪالوني جي رهواسين پاران ٻاٿر جي ڏاڍاين خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ڳوٺاڻن ڪيول ڪچي، ڪرشن ڪچي، ملو ڪچي، ڪانو ڪچي ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي ڏانهيندي چيو ته اسان ڳوٺ غلام حسين لنڊ جي رهواسي جهنڊو عرف شوڪت خان لنڊ کان مختلف وقتن ۾ پلاٽ ورتا جيڪو رجسٽري نٿو ڪري ڏي اسان کي سندس پويان هلندي 7 سال گذري ويا شوڪت لنڊ اسان کان رجسٽري جا پئسا به وٺي ويو هاڻ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي پلاٽ ڦٻائڻ چاهي ٿو هنن چيو ته ٻاٿر پلاٽن جي رجسٽري ڪهرڻ دان موٽمار ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيو آهي ۽ اسان تي حملي جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن اسان غريب ٻچن جي گذر ۾ پورا آهيون اسان کي بنا جواز تنگ ڪيو پيو وڃي مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن وڌيڪ چيو ته اسان کي هاڻ خبر پئي آهي ته مذڪوره ماڻهون ڀهرين به ڪيترن ئي ماڻهن سان فراڊ ڪري چڪو آهي جيڪو هاڻ اسان کي تنگ ڪري رهيو آهي هنن اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي ته ٻاٿر خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي پنهنجن پلاٽن جي رجسٽري ڏياري تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

عثمان شاهه هڙي لڳ ايلچي ڊورو ۾ بيٺل پاڻي مان مڇي جي نسل کي نقصان

عثمان شاهه هڙي (ت ر) عثمان شاهه هڙي ويجهو ضلع ٽنڊوالهيار جي يونين ڪائونسل ميرآباد، ڊاسوڙي ۽ هنگوراڻي جي علائقن ۾ واقع قديم ”ايلچي ڊورو“ ۾ بيٺل پاڻي مان مڇي جي نسل کي سخت نقصان پهچي رهيو آهي ڄاڻ موجب ضلع بدين جي علائقي جاتي مان آيل ملاح برادري جا ڪجهه ماڻهو هن غيرقانوني ڪاروبار ۾ ملوث آهن جيڪي ننڍين مڇين کي پڪڙي مارڻ بعد سڪائي ”پيليٽ“ طور وڪرو ڪن ٿا مقامي رهواسين ان عمل تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو آهي ته ننڍين مڇين جي اهڙي بي دردي سان شڪار سبب مڇي جي نسل ختم ٿيڻ جو خطرو وڌي ويو آهي جيڪو نه رڳو ماحولياتي توازن لاءِ نقصانڪار آهي پر علائقي جي آبي حياتيات لاءِ به وڏو خطرو بڻجي رهيو آهي

خيرپور پوليس جي ڪارروائي، 5 ڏوهاري گرفتار

خيرپور(ڏ ر) ڏوهن جي سرگرمين ۽ منشيات فروشي ۾ ملوث 5 جوابدار گرفتار جوابدارن وٽان 4 چوري ٿيل موٽر سائيڪلون شراب جون بوتلون ۽ غيرقانوني هٿيار برآمد ڪيا آهن ايس ايس پي امير سعود مگسي تفصيل موجب ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي چيو آهي ته ضلعي جي مختلف علائقن ۾ ڪارروائيون ڪري ڏوهن جي سرگرمين ۽ منشيات فروشي ۾ ملوث 5 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي

شهدادڪوٽ ۾ بدامني عروج تي پهچي وئي، واپارين جي هنگامي ڪڏجاڻي، تحريڪ جو اعلان

رائيس ملز جي واپاري نادر شيخ کان ساڍا 13 لک رپيا ڦر واقعي ۽ وڌندڙ بدامني خلاف واپارين جو ڪٺ

اڄ ڏينهن کان احتجاجن اناج منڊي بند ڪرڻ ۽ ڏکهي توڙي اثرائتي احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو ويو

پوليس جي نااهليءَ سبب ڦورن ۽ ڌاڙا وڌي ويا آهن پر ڪا به ڪارروائي نه ٿي ڪئي وڃي، سمورا مک روڊ بلاڪ ڪيا ويندا: واپاري

شهدادڪوٽ(ڏ ر) شهدادڪوٽ ۾ بد امني عروج تي ڏوهارين واپارين کي به وڪڙ ۾ آڻي ڇڏيو واپارين جي هنگامي ڪڏجاڻي ۽ پريس ڪانفرنس احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان رپورٽ موجب شهدادڪوٽ ۾ رائيس ملز جي واپاري نادر شيخ کان ڦورن پاران ساڍا 13 لک رپيا ڦر واقعي ۽ وڌندڙ بدامني خلاف واپارين احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي رائيس ملز ايسوسيئيشن جي تعلقي صدر آصف لغاري، انيل ڪمار نادر حسين شيخ ۽ ٻين اڳواڻن پريس ڪانفرنس ڪندي اڄ ڏينهن کان احتجاجن اناج منڊي بند ڪرڻ ۽ ڏکهي توڙي اثرائتي احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو هنن چيو ته شهر ۾ مڪمل طور شٽر بند هڙتال ڪري سمورا مک روڊ بلاڪ ڪيا ويندا. پوليس جي نااهليءَ سبب ڦورن ۽ ڌاڙا وڌي ويا آهن پر ڪا به ڪارروائي نه ٿي ڪئي وڃي. اڳواڻن ڦورو گرفتار ڪري ڦر ڪيل رقم واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو

شهدادڪوٽ: رائيس ملرز ۽ واپاري بدامني بابت صحافين سان ڳالهائيندي

ٽيڙهي شهر ۾ ٽن جوابدارن پاران معصوم ٻار سان اجتماعي زيادتي، وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل

خيرپور پرسان ٽيڙي ۾ ٽن جوابدارن معصوم ٻار ارمان علي ميمڻ کي اجتماعي زيادتي جو نشانو بڻايو

ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي نوٽيس وٺندي ڀيرلو پوليس کي ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو

ايس ايڇ او ڀيرلو عبدالجبار ميمڻ ڪارروائي ڪندي ٻن جوابدارن فرحان ميمڻ ۽ بلاول ميمڻ کي گرفتار ڪري ورتو، هڪ جوابدار فرار

خيرپور(ڏ ر) ٽيڙهي شهر ۾ ٽن جوابدارن پاران معصوم ٻار سان اجتماعي زيادتي، جوابدارن زيادتي جي وڊيو ٺاهي سوشل ميڊيا تي وائرل ڪئي واقعي ۾ ملوث ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته هڪ فرار ٿي ويو تفصيل موجب خيرپور پرسان ٽيڙي ۾ ٽن جوابدارن معصوم ٻار ارمان علي ميمڻ کي اجتماعي زيادتي جو نشانو بڻايو جوابدارن زيادتي جي وڊيو ناهي ان کي سوشل ميڊيا تي وائرل ڪيو ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي واقعي جو فوري نوٽيس وٺندي ڀيرلو پوليس کي ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ايس ايڇ او ڀيرلو عبدالجبار ميمڻ ڪارروائي ڪندي ٻن جوابدارن فرحان ميمڻ ۽ بلاول ميمڻ کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته هڪ جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ان جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن جاري آهي واقعي بابت ٻڌايو ويو آهي ته جوابدار ٻار کي زبردستي هڪ جاءِ تي وٺي ويا، جتي هنن ساڻس اجتماعي زيادتي ڪئي زيادتي جو شڪار ٻار مقامي اسڪول جو شاگرد ٻڌايو وڃي ٿو ايس ايس پي موجب هي واقعو انتهائي افسوسناڪ آهي ۽ واقعي ۾ ملوث ٽنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو

سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جو نظام وڌي ويو آهي: زين شاهه

ڪارو ڪاري جا واقعا هن ڪري به وڌن ٿا جو جوابدارن کي سزا نٿي ڏني وڃي

پيپلزپارٽي جي حڪمراني ڪارو ڪاري جي واقعن جي سپورٽ ڪري ٿي: ميڊيا سان ڳالهيون

مٽياري(ڏ ر) ايس يو پي اڳواڻ سيد زين شاهه هالا ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ ڪارو ڪاري جو نظام وڌي ويو آهي،بيگناهه نياڻين کي سرعام قتل ڪيو پيو وڃي. ڪارو ڪاري جا واقعا هن ڪري به وڌن ٿا جو جوابدارن کي سزا نٿي ڏني وڃي،اگر جوابدارن کي ڦاهي جي سزا ڏني وڃي ته اهڙا واقعا نه ٿيندا.ڪاروڪاري جي واقعن بابت رياست فريادي نه ٿيندي هئي ته ايس ايڇ او به پيسا وٺي پوءِ ٿو ايف آءِ آر داخل ڪري، اهڙن ڪيسن جا وارث پاڻ فريادي ٿين ۽ سماجي دٻاءُ برداشت ڪن.سيد زين شاهه چيو ته پيپلزپارٽي سنڌ ۾ هڪ ڪينسر جي بيماري آهي،جيڪا نوجوانن مان صلاحيت ختم ڪري ٿي پيپلزپارٽي جي حڪمراني ڪارو ڪاري جي واقعن جي سپورٽ ڪري ٿي، پر قوم پرست جماعتون اهڙن واقعن خلاف آواز اٿاريندڙيون رهنديون.ايس يو پي اڳواڻ سيد زين شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 27 هين ترميم کان پوءِ عدالتون ڪمزور ٿي ويون آهن،عوام کي هاڻي عدالتن تي اعتماد ناهي رهيو هاڻي 28 هين ترميم اچي ته ڏسون ٿا ڇا ٿو ٿئي اگر 28 هين ترميم سنڌ دشمن هوندي ته ان کي رد ڪنداسون،پير پاڳاري جي ڪوبه اتحاد نه پيو لهي جي ڊي اي جو اسين حصو آهيون،باقي سياسي نظريا سڀ ڪنهن جا مختلف آهن،ان موقعي تي ايس يو پي تعلقا هالا جو صدر مصري خان ڪوڪر بهار خان سهتو ۽ ٻيا موجود هئا.

ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ مانڪ ڪالرو ۽ سارنگ ڪالرو جي رهواسين جو مظاهرو

بدامني، چورين ۽ ڦرن خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اسان جي ڳوٺن ۽ آس پاس جي علائقن ۾ ڦرن ۽ چورين جو آزار وڌي ويو آهي: مظاهرين

ٽنڊوالهيار (ڏ ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ مانڪ ڪالرو ۽ سارنگ ڪالرو جي رهواسين پاران بدامني، چورين ۽ ڦرن خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ڳوٺاڻن عارف علي ڪالرو . امتياز علي ڪالرو . ڪامريڊ فيض محمد ڪالرو . سڪندر ڪالرو . حاجي محمد ڪالرو ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته اسان جي ڳوٺن ۽ آس پاس جي علائقن ۾ ڦرن ۽ چورين جو آزار وڌي ويو آهي گذريل رات 6 نامعلوم چور هٿيارن جي زور تي گهر ۾ داخل ٿي لکين روپيا روڪ رقم . سونا زيور ۽ موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا اسان پوليس کي ڏانهن ڏني پر پوليس اڃان تائين ڪک ڀڃي بيٺي ناهي ڪيو هنن چيو ته اسان جي علائقن ۾ چوريون ۽ ڦرون معمول بڻجي ويون آهن پر پوليس ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪي به جوڳا اپاءَ ناهي وٺي رهي مجبور ٿي اڄ احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن انتظاميه کي چتاءُ ڏيندي چيو ته 48 ڪلاڪن اندر ڏوهاري گرفتار نه ڪيا ويا ته مختلف هنڌن تي ڌرڻا هڻي روڊ بند ڪري سخت احتجاج ڪيو ويندو

گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سجاول ۾ رٽائرمينٽ وٺندڙ استاد جي مان ۾ الوداعي تقريب

سجاول (ڏ ر) گورنمنٽ بوائز هاءِ اسڪول سجاول ۾ رٽائرمينٽ وٺندڙ استاد جي اعزاز ۾ هڪ پروقار ۽ يادگار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ استادن جي خدمتن کي ڀرپور نموني سان ساراهيو ويو تقريب دوران رٽائرمينٽ حاصل ڪندڙ استادن ڏيو مل چاولا، مشتاق ميمڻ لياقت کٽي ،شريف پونجاڻي آفيس اسسٽنٽ کي سندن تعليمي خدمتن جي مڃتا طور گلن جا هار پارائي ۽ پٽڪا ٻڌرائي عزت افزائي ڪئي وئي، ان موقعي تي ضلعي ۽ تعليمي حلقن سان لاڳاپيل معزز شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي، جن ۾ حاجي شفيع محمد ٻارڙ (ڊي اي آر سيڪنڊري) گسٽا ضلعي سجاول جي صدر غلام قادر باغي، ڊويزنل انفارميشن سيڪريٽري شهزاد ميمڻ جنرل سيڪريٽري عبدالرحيم قاضي، حاجي محمود کٽي اشفاق ميمڻ بسنت ڪمان اشرف شاعر بجل لغاري ۽ اڳوڻو ڊي اي او سيڪنڊري سجاول صديق ميمڻ سميت استادن آفيسرن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مقررن پنهنجي خطابن ۾ رٽائرمينٽ وٺندڙ استادن جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته انهن پنهنجي زندگي جو وڏو حصو تعليم جي واڌاري ۽ شاگردن جي روشن مستقبل لاءِ وقف ڪيو جيڪو هميشه ياد رکيو ويندو تقريب جي آخر ۾ اسڪول انتظاميه مهمانن جي شرڪت تي ٿورا مڃيا ۽ چيو ته استادن کي عزت ڏيڻ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سجاول جي خوبصورت روايتن جو حصو آهي جيڪا مستقبل ۾ به جاري رهندي واضح رهي ته اهڙيون تقريبون نه رڳو استادن جي حوصلا افزائي جو سبب بڻجن ٿيون پر تعليمي ماحول ۾ مثبت روايتن کي به هٿي ڏين ٿيون.

عمرڪوٽ جي رهواسي ۽ وڪيل برادري پاران حيدرآباد ۾ احتجاج

عمرڪوٽ ضلعو منشيات جو گڙ بڻجي ويو آهي، پوليس خاموش آهي: هيرانند ٻجير

ضلعي ۾ ڏوهي وارداتن ۾ واڌ ٿي وئي آهي چوريون ڦرون معمول بڻجي ويون آهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) عمرڪوٽ جي رهواسي ۽ وڪيل برادري عمرڪوٽ ۾ منشيات جي مبينا پوليس سرپرستي ۾ سرعام وڪري خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون هيرانند ٻجير،شهباز صوفي،جواد شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو ته عمرڪوٽ ضلعو منشيات جو گڙ بڻجي ويو آهي،مين پوڙي،گٽڪو آئيس،چرس ۽ شراب گهٽين ۾ وڪامجي رهيا آهن جنهن سبب ضلعي ۾ ڏوهي وارداتن ۾ واڌ ٿي وئي آهي چوريون ڦرون معمول بڻجي ويون آهن جنهن سبب شهري عدم تحفظ جو شڪار آهن. هنن چيو ته منشيات جي وڪري سبب گذريل سال 100کان وڌيڪ وات جي ڪينسر جي مريضن جي تصديق ٿي هئي جڏهن ته وڌيڪ منشيات جو وڪرو جاري رهيو ته ڪينسر جي مرضن ۾ بيحد تي واڌ ٿي ويندي ۽ ڏوهن ۾ پڻ واڌ ٿيندي. هنن چيو ته منشيات جي وڪري ۽ ڏوهن ۾ واڌ جو سبب پوليس جي ناڪامي آهي جنهن ۾ ايس ايس پي جو ڪردار اهم آهي. هنن آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کي اپيل ته عمرڪوٽ ۾ منشيات جي وڪري ۽ ڏوهن تي ضابطي ايس ايس پي کي جلد هٽايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

مٽياري ٿاڻي تان ٻه ڄڻا مبينا طور هٿڪڙين سوڌو فرار

مٽياري (ڏ ر) سٽي پريس ڪلب مٽياري اڳيان مٽياري ويجهو ڳوٺ ميمڻ جي وسي جي مجيداڻا برادري جي عورتن گم ڪيل نوجوانن جي والده مسمات حڪيمان . مسمات ، ڀاڳيري ۽ مسمات مٺل مجيداڻو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪندي الزام مڙهيو آهي ته مٽياري پوليس ٻه ڏينهن اڳ اسان جي ٻن بيگناهه نوجوانن غلام مصطفيٰ مجيداڻو ۽ عجيب مجيداڻو کي بيگناهه کنيو وئي ۽ نوجوانن جي آزادي لاءِ اسان کان 30 هزار رپيا طلب ڪيا اسان جڏهن پني سني پئسا ڪٺي آياسين ته پوليس چيو ته اوهان جا ماڻهو اسان وٽ ناهن پوليس اسان جي ماڻهن جي گم ڪري ڇڏيو اسان جا بيگناهه ماڻهو پوليس کنيا آهن اسان آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي مٽياري کان مطالبو ٿا ڪيون ته اسان جي نوجوانن کي فوري آزاد ڪيو وڃي هوڏانهن ايس ايڇ او مٽياري جو اهڙي ڪنهن به واقعي توڙي گرفتاري کان لاتعلقي ظاهر ڪري ڇڏي آهي هوڏانهن ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته پوليس پاران گرفتار ڪيل ماڻهو هٿڪڙين سوڌو پوليس کان فرار ٿي ويا آهن جڏهن ته پوليس انهن جي عيوضي ۾ مٽياري بس اسٽاپ جي هوٽل تان ٻن ڄڻن کي ڪنبي ٿاڻي تي ويهاري ڇڏيو

زرعي يونيورسٽي جي امتحانن واري ڪنٽرولر جي مان ۾ الوداعي تقريب

انجنيئر رياست علي ڪبر هڪ قابل، ايماندار ۽ پيشه ور آفيسر رهيا آهن: وي سي

مون هميشه ايمانداري، محنت ۽ اداري جي بهتري کي اوليت ڏني: رياست علي ڪبر

ٽنڊوڄام (ن ع) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي ڪنٽرولر امتحان انجنيئر رياست علي ڪبر جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي وائيس چانسلر سيڪريٽريٽ ۾ سندن اعزاز ۾ هڪ پروقار الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن جي صدارت وائس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال ڪئي. جڏهن ته تقريب ۾ يونيورسٽي جي آفيسرن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال پنهنجي صدارتي خطاب ۾ چيو ته انجنيئر رياست علي ڪبر هڪ قابل، ايماندار ۽ پيشه ور آفيسر رهيا آهن. جن امتحاني نظام کي جديد گهرجن موجب هم آهنگ ڪرڻ ۽ ڪوالٽي انهانسمينٽ کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيو ته سندس اڳواٽي ۾ امتحاني معاملن ۾ شفافيت، وقت سر نتيجن جو اعلان توڙي انتظامي بهتري آئي جيڪا ڪنهن به تعليمي اداري جي ساک لاءِ انتهائي اهم هوندي آهي. هن وڌيڪ چيو ته ماضي ۾ انجنيئر رياست علي ڪبر فيڪلٽي آف ايگريڪلچرل انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ۾ استاد جي حيثيت سان به شاندار تدريسي خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ شاگردن جي پيشه ورانه تربيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جڏهن ته ٽي ڀيرا يونيورسٽي جي سينڊيڪيٽ جي چونڊيل ميمبر جي حيثيت ۾ هن استادن آفيسرن ملازمن ۽ يونيورسٽي جي نمائندگي ڪندي، اهم فيصلن جو حصو بڻيو تقريب کي خطاب ڪندي انجنيئر رياست علي ڪبر پنهنجي نوڪري دوران پنهنجن تجربن بابت ڳالهائيندي چيو ته هن هميشه ايمانداري، محنت ۽ اداري جي بهتري کي اوليت ڏني. هن سنڌ زرعي يونيورسٽي کي هڪ عظيم درسگاهه قرار ڏيندي چيو ته هتي جا شاگرد ملڪ جي زرعي شعبي جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. هن پنهنجن ساٿين استادن ۽ انتظاميا جي سهڪار تي ٿورا مڃيا. ان موقعي تي رجسٽرار غلام محي الدين قريشي، غلام حيدر جويو محمد اشرف رستماڻي، رياض سومرو محمد عمر دستي ۽ گل شير لوچي پڻ خطاب ڪيو تقريب جي پڄاڻي تي انجنيئر رياست علي ڪبر کي ثقافتي تحفا پيش ڪيا ويا، جڏهن ته شرڪت ڪندڙن سندن لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاڻوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر 25 اپريل 2026ع

پوليس کي ڊرون ڏيڻ کان پهريان اخلاقي تربيت ڪرڻ گهرجي!

ضلعي خيرپور ۾ پيش آيل هڪ انتهائي حساس ۽ تڪراري واقعي سماج جي ڪيترن ئي اهم سوالن کي ٻيهر مٿاڇري تي آڻي ڇڏيو آهي. سکر پوليس جي هڪ آپريشن دوران ڊرون جي استعمال سان مبينا طور ٻن شهرين جي فوتگيءَ نه رڳو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي حڪمت عمليءَ تي سوال اٿاريا آهن پر ان سان گڏ انساني حقن، قانوني حدن ۽ رياستي طاقت جي استعمال بابت به نئين بحث کي جنم ڏنو آهي. واقعي کان پوءِ متاثر خاندانن ۽ علائقي جي ماڻهن جي احتجاج، ٽن ايس ايڇ اوز جي معطلي ۽ هڪ جي گرفتاري، گڏوگڏ به الڳ تحقيقات شروع ٿيڻ، ان ڳالهه جي نشاندهي ڪن ٿا ته معاملو عام نوعيت جو ناهي پر انتهائي سنجيده ۽ حساس آهي. رپورٽن موجب پوليس هڪ گهربل جوابدار جي ڳولا ۾ سرچ آپريشن دوران علائقي جو گهيراءُ ڪيو جتي مبينا طور فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي. ان دوران ڊرون استعمال ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ 12 سالن جو معصوم ٻار ۽ هڪ نوجوان پنهنجي حياتي وڃائي ويٺا، جڏهن ته ٻيا زخمي پڻ ٿيا. سڀ کان اهم سوال اهو آهي ته ڇا هڪ عام پوليس آپريشن دوران ڊرون جهڙي جديد ۽ خطرناڪ ٽيڪنالاجي جو استعمال قانوني طور جائز آهي؟ ۽ جيڪڏهن آهي ته ان جي استعمال لاءِ ڪهڙيون حدون ۽ ضابطا مقرر ڪيا ويا آهن؟ ڊرون ٽيڪنالاجي عام طور تي فوجي ڪاررواين يا انتهائي خطرناڪ دهشتگرديءَ جي حالتن ۾ استعمال ٿيندي رهي آهي. جتي خطري جي نوعيت وڏي هجي. پر هتي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا هڪ گهربل ملزم جي ڳولا لاءِ اهڙي ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال ضروري هو؟ جيڪڏهن پوليس وٽ ٻين روايتي طريقن سان جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جا امڪان موجود هئا ته پوءِ ڊرون جهڙي طاقتور اوزار جو استعمال ڇو ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ بيگناهه جانيون ضايع ٿي ويون؟ اهڙي قسم جي واقعن ۾ سڀ کان وڌيڪ نقصان رياست ۽ عوام جي وچ ۾ اعتماد کي پهچندو آهي. جڏهن عام ماڻهو اهو محسوس ڪن ٿا ته سندن جان ۽ مال محفوظ نه آهي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا به بنا ڪنهن واضح ضابطي جي طاقت استعمال ڪري سگهن ٿا ته پوءِ سماجي بيچيني وڌڻ فطري ڳالهه آهي. خاص طور تي جڏهن هڪ 12 سالن جو ٻار هن واقعي جو شڪار بڻجي ته اهو صرف هڪ خاندان جو نقصان نه پر سڄي سماج لاءِ هڪ وڏو صدمو هوندو آهي.

حڪومت سنڌ طرفان نوٽيس وٺڻ، ايس ايڇ اوز جي معطلي ۽ تحقيقات جو حڪم ڏيڻ يقيناً هڪ مثبت قدم آهي. پر ماضيءَ جي تجربن کي نظر ۾ رکندي عوام جو اعتماد رڳو بيانن يا عارضي ڪاررواين سان بحال نٿو ٿي سگهي. ضروري آهي ته تحقيقات مڪمل طور شفاف، غيرجانبدار ۽ تيز رفتار هجي ۽ جيڪڏهن ڪنهن به اهلڪار جي غفلت يا اختيارن جي غلط استعمال جو ثبوت ملي ته ان خلاف سخت ۽ مثال قائم ڪندڙ ڪارروائي ڪئي وڃي. ساڳي وقت اهو به لازمي آهي ته حڪومت واضح پاليسي مرتب ڪري ته پوليس يا ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي ڊرون جهڙي ٽيڪنالاجي استعمال ڪرڻ جا اختيار ڪهڙين حالتن ۾ حاصل آهن. بغير ڪنهن واضح قانوني فريم ورڪ جي اهڙي ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال نه رڳو خطرناڪ آهي. پر اهو انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙي جو سبب به بڻجي سگهي ٿو. هي واقعو پوري رياست لاءِ هڪ امتحان آهي ته ڇا اسان قانون جي حڪمراني، انساني حقن ۽ احتساب جي اصولن تي عمل ڪرڻ لاءِ سنجيده آهيون يا نه. جيڪڏهن هن واقعي کي به ٻين ڪيترن ئي واقعن وانگر وساري ڇڏيو ويو ته پوءِ اهڙيون غلطيون ٻيهر ورجائجنديون رهنديون. پر جيڪڏهن هن کي هڪ موڙ بڻائي حقيقي سڌارا آندا ويا ته شايد مستقبل ۾ اهڙين بيگناهه جانين جو بچاءُ ممڪن ٿي سگهي.

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪَا جَا ڪُنَ ڪَرِينَ، پِنيءَ پُڻِ جُهڻ پَاڻُ ۾،
آڏيءَ اُنهِينءَ آبَ ڪي، اکِيُونَ اُڪِرِينِ،
تُوڙِي تِڪُونَ ڏِينِ، تَه اَڄَ اِنَ ڪي نَه لَهَي.

ڪا جا = ڪا اهڙي. / ڪُنَ ڪَرِين = درياهي پاڻي جا چڪردار گرداب پاڻ ۾ ڪن ٿا. / پنيءَ = پوئين پهر جنهن مهل رات ڍري ٿي. / پڻ جهڻ = جهڻو ڳالهائڻ، سر ٻن سُس، ڦُس. / انهيءَ آب = ان پاڻي کي. (سر- سهڻي، مرتب ٻانهون خان شيخ)

سهڻي درياهه جي چڪردار ڪُنن تي چٽر ڪندي، ڪين توڪيندي جيئن پئي ته "اوهين رات جي پوئين پهر ۾ پاڻ منجهه مون کي ٻوڙي مارڻ جي جيڪا سازشي سر ٻر پيا ڪيو اها نه لڄائي آهي چاڪاڻ ته منهنجيون اکيون اُنُ پاڻيءَ لاءِ جتي اوهان سازش سٽيو پيا. آڏيءَ رات جو گهڙڻ لاءِ اتاوليون آهن ان لاءِ سڪن ٿيون. تاڳهين پيون. سندن اها اکين محبوب ميهار سان ملڻ لاءِ ان سان رهاڻيون ڪرڻ لاءِ آهي تنهن ڪري بار بار، گهڙيءَ گهڙيءَ اچن ٿيون ته به سندن اها پيار جي، محبت جي جيڪا اڄ آهي، تانگهه آهي، جيڪا چِڪ آهي اها پوري ٿئي نه ٿي ٿئين"!! (تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اٽل جدوجهد جو عظيم استعارو: سائين جي ايم سيد

توفيق سومرو

رب العالمين سنڌ ڌرتيءَ کي قدرتي ۽ ملڪي وسيلن سان مالا مال ڪيو آهي سنڌين هميشه دنيا کي امن، پيار ۽ محبت جو درس ڏنو آهي. تنهن ڪري شاهه عبداللطيف ڀٽائي" جي هڪ شعر ۾ به دعا ۽ پيغام سمايل آهي: "سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار / دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين"

تاريخ جي ورقن ۾ نظر وجهنداسين ته سنڌ هر دور ۾ ڪيترائي عظيم انسان پيدا ڪيا آهن جن پنهنجي ڌرتيءَ جي حفاظت ۽ حقن لاءِ آواز اٿاريو ۽ جدوجهد جو رستو اختيار ڪيو. جيڪڏهن ويهين صديءَ جي شروعات ڏانهن نظر ڦيرايون ته 17 جنوري 1904ع تي سنڌو درياهه جي ڪناري، ضلعي دادو جي شهر سن ۾ جنم وٺندڙ غلام مرتضيٰ شاهه، جيڪو اڳتي هلي سائين جي ايم سيد جي نالي سان سڄي دنيا ۾ سڃاتو ويو. انهن عظيم شخصيتن مان هڪ آهي.

سائين جي ايم سيد پنهنجي سڄي زندگي سنڌ جي سڃاڻپ، حقن ۽ خودمختياري لاءِ وقف ڪري ڇڏي شروعاتي دور ۾ هن پاڪستان جي قيام واري تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. پر وقت سان گڏ جڏهن هن محسوس ڪيو ته ملڪ جي اصل مقصدن کان هٽي منافقانو رويو اختيار ڪيو پيو وڃي ۽ ظلم، بربريت ۽ استحصالي قوتن کي هٿي ملي رهي آهي ته پاڻ بيباڪيءَ سان پنهنجو موقف تبديل ڪيو ۽ سنڌ جي حقن لاءِ آواز بلند ڪيو.

ملڪ ٺهڻ کانپوءِ جيڪي حالتون پيدا ٿيون، انهن سنڌ جي سماجي ۽ سياسي ڍانچي تي گهرو اثر وڌو. سنڌين مهمان نوازيءَ جو ثبوت ڏيندي آيل ماڻهن جو آڌرڀاءُ ڪيو. پر ان جي موٽ ۾ جيڪي رويا سامهون آيا، اهي به تاريخ جو حصو بڻجي چڪا آهن خاص طور تي بنگلاديش جي قيام کانپوءِ سائين جي ايم سيد حالتن جو گهرو جائزو وٺي اهو نتيجو ڪڍيو ته سنڌ جي سياسي، معاشي ۽ ثقافتي مسئلن جو حل صرف خودمختياريءَ ۾ آهي هن پنهنجي جدوجهد کي عدم تشدد جي اصولن سان وابسته رکيو ۽ هميشه شعور، علم ۽ فڪر ذريعي تبديلي آڻڻ تي زور ڏنو هن ذاتي فائدن ۽ لالچن کي هميشه رد ڪيو.

سائين جي ايم سيد نه رڳو صاف سٿري اصولي سياست ڪئي، پر ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ لکيو ۽ تقريرون ڪيون. جڏهن سنڌ سان ناانصافيون ٿيون ته هن بي ڊپ ٿي سچ ڳالهائڻ شروع ڪيو. سندس چوڻ هو ته تبديلي طاقت سان نه، پر سٺي سوچ، اخلاق ۽ ڪردار سان ايندي آهي. ڪراچي جي تاج محل هوٽل ۾ هڪ موقعي تي حضور اڪرم ﷺ جي تعليمات جو حوالو ڏيندي ڪارڪنن کي هدايت ڪئي ته سٺو اخلاق ۽ ڪردار ئي ڪاميابيءَ جو اصل ذريعو آهي. سائين جي ايم سيد هميشه ماڻهن کي سچائي، انصاف ۽ اعليٰ ڪردار جي راهه اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪئي سندس خيال هو ته جيڪڏهن فرد پنهنجو اخلاق سڌاري ته سماج پاڻ ئي بهتر بڻجي ويندو.

سائين جي ايم سيد پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو قيد ۽ نظر بنديءَ ۾ گذاريو. ڪيس سنڌ جي ڊورن کان روڪڻ لاءِ مختلف حڪومتن سازشون ڪيون. ڪيس جيلن ۾ رکيو يا سندس گهر کي سب جيل بڻايو ويو. سندس انهن قربانين کي علمي سطح تي به مڃتا ملي ۽ ايمنسٽي انٽرنيشنل کيس "ضمير جو قيدي" قرار ڏنو. سنڌ جي هن عظيم فڪري اڳواڻ سياستدان ۽ قومي رهبر سائين جي ايم سيد جي ورسي هر سال 25 اپريل تي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي ويندي آهي. جڏهن ته 17 جنوريءَ تي سندس سالگرهه پڻ ساڳي جذبي سان ملهائي ويندي آهي. انهن ڏينهن تي سنڌ سميت سڄي دنيا ۾ سندس پوئلڳ سندس فڪر جي تجديد جو عهد ڪن ٿا. سائين جي ايم سيد نه رڳو هڪ سياسي اڳواڻ هو، پر هڪ وڏو مفڪر، دانشور ۽ قومي شعور جو علمبردار پڻ هو. سندس ورسيءَ جي موقعي تي سڄي سنڌ مان ڪارڪن قافلن جي صورت ۾ سن پهچي سندس مزار تي حاضري ڀرين ٿا، گلن جون چادرون چاڙهين ٿا، دعائون گهرن ٿا ۽ قومي ترانا ڳائي پنهنجي عزم جو اظهار ڪن ٿا. پر هن ڏينهن جي اصل اهميت صرف رسمون نڀائڻ ۾ نه، پر سندس فڪر کي عملي زندگيءَ ۾ لاڳو ڪرڻ ۾ آهي. سائين جي ايم سيد هميشه سچائي، اخلاق ۽ صالح ڪردار تي زور ڏنو

آمريڪا جي فضائن مان

هرمز جون بارودي سُرنگون، خالي ٽينڊڙ هٿيار خانو ۽ اها جنگ جنهن جو ڪو انجام ناهي!

راجا زاهد اختر خانزاده

(حصو پهريون)

صدر ڊونلڊ ٽرمپ بار بار چيو آهي ته ايران جنگ ۽ آبنائي هرمز جي بندش سان امريڪا تي ڪو به خاص اثر نه پيو آهي هو اِها ڳالهه اعتماد سان چوي ٿو. هڪ پيرو نه، ڪيترائي پيرا چوي ٿو پر امريڪا جو عام شهري اڄ گيس اسٽيشن تي بيٺو آهي ۽ چار ڊالر نوَ سينٽ في گيلن ادا ڪري رهيو آهي هو هڪ سوال پڇي رهيو آهي ته هيءُ قيمت ڪڏهن واپس ايندي، ماڻهو سمجهندا هئا ته جڏهن سيزفائر برقرار رهندو، جڏهن معاهدو ٿيندو، جڏهن جنگ ختم ٿيندي، جڏهن آبنائي هرمز ٻيهر کلندي ۽ تيل بردار جهاز هلڻ شروع ٿيندا ته قيمتون گهٽ ٿي وينديون ايسوسي ايٽيڊ پريس جي تازي سروي ان ڳالهه کي بيان ڪري ڇڏيو آهي جيڪا شايد ٽرمپ جا پنهنجا صلاحڪار به انهن کي سڌي طرح نه ٻڌائيندا آهن ته صدر ٽرمپ جي مقبوليت 36 سيڪڙو کان گهٽجي 33 سيڪڙو تي اچي وئي آهي 67 سيڪڙو امريڪي هن جي ڪارڪردگي کان غير مطمئن آهن ۽ هن جي معاشي پاليسين تي بي اعتمادي جو اظهار ڪندڙن جي تعداد 9 سيڪڙو واڌاري سان 70 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي امريڪي سياسي مبصرن جي مطابق هيءَ گهٽتائي اندروني مسئلن تي ڌيان نه ڏيڻ جو نتيجو آهي پر هن هفتي جيڪي معلومات سامهون آيون آهن اهي هڪ بلڪل مختلف ۽ تمام تڪليف ڏيندڙ ڪهاڻي بيان ڪن ٿيون هڪ اهڙي ڪهاڻي جنهن جا سڀ حصا الڳ الڳ خبرن جي شڪل ۾ ڏيکاريا ويا پر جڏهن انهن کي گڏجي ڏسجي ته اصل تصوير سامهون اچي ٿي

هاڻي هڪ پيو آئيني بحران به سر تي اچي بيٺو آهي وار پاورز ريزوليوشن جي تحت امريڪي صدر ڪانگريس جي اجازت ڪانسواءِ جنگ شروع نه ڪري سگهي ٿو پر سٺ ڏينهن اندر اندر ڪانگريس کان ان جي باقاعدي منظوري وٺڻ لازمي آهي انهن سٺ ڏينهن مان صرف هڪ هفتو باقي رهيو آهي ۽ ان دوران امريڪي فوج جنگ جاري رکڻ لاءِ وڌيڪ ٻه سئو ارب ڊالرن جو مطالبو به ڪري چڪيو آهي هڪ پاسي ڪانگريس جي آئيني ڊيڊ لائين، ٻئي پاسي ٻه سئو ارب ڊالرن جو بل ۽ ٽئين پاسي 70 سيڪڙو عوام جو انهن جي معاشي پاليسين تي بي اعتماد هيءُ صرف جنگ جو بحران ناهي هيءُ هاڻي ٽرمپ جي سياسي بقا جو بحران به بڻجي چڪو آهي

هر ميڊيا آئوٽ ليٽ هن وقت ڪيترين ئي خبرن الڳ الڳ هلائي رهيو آهي پر آهي سڀ خبرون هڪ ئي ڪهاڻي جا مختلف پهلو آهن ايران جي IRGC خليجي ملڪن جي ٻارهن مخصوص تيل تنصيبن کي جائز هدف قرار ڏئي ڇڏيو آهي جن ۾ سعودي عرب جو Samraf، گڏيل عرب امارات جو Al Hossan ۽ قطر جو Ras Laffan شامل آهن ۽ اتي ڪم ڪندڙ ڪارڪنن کي نقل مڪاني جو مشورو ڏنو ويو آهي ٽرمپ سيزفائر کي غير معينه مدت تائين وڌائي ڇڏيو آهي ۽ ايران جي حڪومت کي شديد طور تقسيم شده قرار ڏنو آهي امريڪا هڪ اهڙو جهاز روڪيو آهي جيڪو چين جي طرف کان ايران لاءِ ڪجهه کڻي رهيو هو، جنهن بابت ٽرمپ CNBC تي چيو ته ان ۾ اهڙيون شيون هيون جيڪي سٺيون نه هيون ۽ اڄ ٽرمپ اوول آفيس ۾ اسرائيل ۽ لبنان جي سفيرن سان ملاقات ڪانپوءِ اسرائيل ۽ لبنان جي وچ ۾ جنگبندي ۾ ٽن هفتن جي توسيع جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ۽ هن سال ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ مستقل امن قائم ٿيڻ جو قوي امڪان ظاهر ڪيو آهي ٽرمپ چيو ته هو لبنان سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي ته جيئن اهو پاڻ کي حزب الله کان محفوظ رکي سگهي ۽ ايران کي حزب الله جي فنڊنگ روڪڻي پوندي ۽ G20 سربراهي اجلاس بابت ڳالهائيندي ٽرمپ چيو ته جيڪڏهن G20 سربراهي اجلاس ۾ روسي صدر شرڪت ڪري ته اِهو تمام مددگار ثابت ٿيندو اهي سڀ اعلان الڳ الڳ نه ڏسڻ گهرجن انهن کي گڏجي ڏسجي ته اصل تصوير سامهون اچي ٿي

ايران جي هدف فهرست سمجهڻ لاءِ صرف فوجي زاويي کان نه پر معاشي زاويي کان ڏسڻ ضروري آهي Ras Laffan قطر ۾ سالياني تقريباً 77 ملين ٽن LNG يعني مائع قدرتي گيس هينڊل ڪري ٿو، جيڪو يورپ ۽ ايشيا جي توانائي سپلائي جو هڪ ناگزير حصو آهي اِهو ڪو به فوجي هدف ناهي هيءُ هڪ سول صنعتي تنصيب آهي سعودي عرب ايران تي حملو نه ڪيو، گڏيل عرب امارات نه ڪيو، قطر صرف امريڪي اڏا رکي ٿو ۽ خود هن جنگ کان پري رهڻ چاهي ٿو پر ايران انهن ٽنهي جي اهم ترين معاشي مرڪزن کي نشانو بڻائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ايران جو پيغام صاف آهي ته اسان امريڪا سان وڙهي رهيا آهيون پر ان جي قيمت توهان ادا ڪندا هيءُ روايتي فوجي ڪشيدگي ناهي هي اقتصادي جنگ جي طرف هڪ سوچيل سمجهيل قدم آهي ۽ وال اسٽريٽ جرنل رپورٽ ڪيو آهي ته سعودي عرب امريڪا تي دٻاءُ وجهي رهيو آهي ته اهو پنهنجي پاليسي بدلائي، چو ته امريڪا جا اقدام ايران کي ڪمزور ڪرڻ جي بدران وڌيڪ خطرناڪ بڻائي رهيا آهن

هن هدف فهرست جو هڪ ٻيو پهلو به آهي جيڪو اڪثر نظرانداز ڪيو وڃي ٿو ۽ اهو آهي ايران جي اندروني تقسيم هي ٻارهن هدفن جي فهرست محض ٻاهرين دشمن کي پيغام ناهي هي ايران جي اندروني طاقت جي توازن جو به اظهار آهي ايران ۾ هن وقت ٻه گروپ آمهون سامهون آهن هڪ جيڪو مذاڪرات چاهي ٿو ۽ هڪ جيڪو فوري ۽ فيصلائتي ڪارروائي چاهي ٿو هيءُ هدف فهرست سخت گير عناصرن جو اعلان آهي ته اهي اڃا به ميدان ۾ آهن ۽ انهن کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي ٽرمپ ايران کي شديد طور تقسيم شده چيو ۽ هن پيري هو غلط ناهي پر هو اِهو نٿو ٻڌائي ته هيءَ تقسيم اصل ۾ امريڪي پاليسي کي وڌيڪ مشڪل بڻائي ٿي، آسان نه

هاڻي هن ڪهاڻي جي سڀ کان خاموش پر سڀ کان اهم ڪردار جي طرف اچون Reuters تصديق ڪئي آهي ته جنهن جهاز کي امريڪا روڪيو ان ۾ dual-use chemicals هئا، جيڪي ميزائل ناهڻ ۾ استعمال ٿي سگهن ٿا ٽرمپ چيو ته انهن کي حيرت ٿي، چو ته صدر شي جن پنگ يقين ڏياريو هو ته چين ايران کي هٿيار نه موڪليندو پر انهيءَ ئي ٽرمپ CNBC تي چيو ته جنگ ۾ اهڙو ٿيندو آهي هي جملو هڪ طاقتور صدر جي زبان ناهي هي هڪ مجبور ماڻهوءَ جي زبان آهي چين هن پوري معاملي تي صرف ٻن لفظن ۾ جواب ڏنو ته malicious association جي مخالفت ڪريون ٿا. هي انڪار نه هو هي هڪ سگنل هو، اهڙي طاقت جو سگنل جيڪا پنهنجي پوزيشن جو حساب ڪتاب ڪري چڪي آهي ۽ ان کي تبديل ڪرڻ جو ڪو به سبب نه ٿي ڏسي ٽرمپ هن وقت چين سان سخت رويو اختيار نه ٿو ڪري سگهي چو ته ايران سان نازڪ سيزفائر آهي، فوجي دٻاءُ برقرار آهي ۽ 14 مئي تي بيجنگ ۾ اهم سربراهي اجلاس طئه آهي يعني هو هن وقت هر محاذ تي دروازا کليل رکڻ چاهين ٿا ۽ چين سان ٽڪراءُ جو هيءُ وقت ناهي چين هن جنگ کان گهٽ ۾ گهٽ ٽن طريقن سان فائدو وٺي رهيو آهي تيل جي قيمت وڌڻ سان ان جي پنهنجي توانائي ذخيرن جي اسٽريٽجڪ اهميت وڌيڪ وڌي رهي آهي امريڪا جا فوجي ۽ مالي وسيلا هن جنگ ۾ ضايع ٿي رهيا آهن جڏهن ته چين بنا رڪاوٽ پنهنجي معاشي توسيع جاري رکيو ويٺو آهي ۽ عالمي توانائي مارڪيٽ ۾ ان جي پوزيشن مسلسل مضبوط ٿي رهي آهي سڀ کان حيران ڪندڙ ڳالهه اِها آهي ته ايران جون تيل برآمدات گهٽ نه پر وڌي رهيون آهن چو ته چيني ٽينڪرن متبادل رستن ۽ ليبلنگ جي ذريعي تيل خاموشيءَ سان وڪرو ٿي رهيو آهي امريڪا هن تي سخت ڪارروائي نٿو ڪري ۽ اها ڪا نظرانداز نه پر هڪ سوچيل سمجهيل حڪمتِ عملي وارو فيصلو لڳي ٿو جنهن جون شرطون امريڪي عوام کي نه ٻڌايون ويون آهن

هاڻي اها خبر اچي ٿي جيڪا هن پوري تصوير کي مڪمل ڪري ٿي ۽ جنهن تي شايد اڃا تائين اِيتري توجهه نه ڏني وئي آهي جيتري ڏيڻ گهرجي ها پينٽاگون هن هفتي هائوس آرمڊ سروسز ڪميٽي کي هڪ خفيه بريفنگ ۾ ٻڌايو ته جنگ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ به معاهدو ٿي وڃڻ ڪانپوءِ به فائرنگ بند ٿي وڃڻ ۽ ناڪابندي ٿي وڃڻ ڪانپوءِ به آبنائي هرمز مان ايراني بارودي سرنگن کي صاف ڪرڻ ۾ ڇهه مهينا تائين لڳي سگهن ٿا. واشنگٽن پوسٽ کي ٽن اهڙن اهلڪارن هن بريفنگ جا تفصيل ٻڌايا جيڪي ان گفتگو کان واقف هئا ۽ ڪانگريس ۾ نه صرف ڊيموڪريٽس بلڪه ريپبلڪن به مايوس ٿيا، ٻنهي جماعتن جا ماڻهو هڪ ٿي ڪمري ۾ ويٺا هئا ۽ انهن هڪ ئي ڳالهه ٻڌي جيڪا انهن کي ٻڌائي نه هئي بعد ۾ پينٽاگون هن رپورٽ جي ترديد ڪئي ۽ چيو ته ڇهه مهينن جو اندازو ناقابل قبول آهي پر سابق صدر بل ڪلنٽن پنهنجي يوٽيوب پروگرام Clarity ۾ هن بريفنگ جو حوالو ڏيندي بلڪل درست چيو ته ناقابل قبول هجڻ ۽ غلط هجڻ هڪ ئي شيءِ ناهي جيڪڏهن رپورٽ واقعي غلط هجي ها ته پينٽاگون درست عدد ٻڌائي ها ته اصل ۾ سٺ ڏينهن لڳندا يا ٽيهه ڏينهن يا پنجاهه ڏينهن هن اهو نه چيو ۽ اِها خاموشي پاڻ هڪ جواب آهي

ايران آبنائي هرمز ۾ ويهه يا ان کان وڌيڪ بارودي سرنگون GPS ٽيڪنالاجي جي ذريعي نصب ڪري ڇڏيون آهن ۽ آهي عام سرنگون ناهن GPS جي ذريعي نصب سرنگون عين انهن تنگ ترين حصن ۾ رکي سگهجن ٿيون جتي جهاز رانيءَ جو رستو سڀ کان وڌيڪ مصروف هجي ٿو ۽ غلطيءَ جي گنجائش سڀ کان گهٽ هجي ٿي انهن کي اهڙي طرح ترتيب ڏئي سگهجي ٿو ته اهي صرف مخصوص جهازن جي گذرڻ تي فعال ٿين مخصوص وزن تي مخصوص سائيز تي، مخصوص آواز تي اهي هفتن تائين خاموش پيون رهي سگهن ٿيون ۽ پوءِ ان وقت متحرڪ ٿي سگهن ٿيون جڏهن ڪوئي مخصوص جهاز انهن مٿان گذري نيويارڪ ٽائمز رپورٽ ڪيو آهي ته ايران جي پنهنجي فوج کي به شايد سڀ سرنگن جي صحيح جڳهه معلوم ناهي ۽ ممڪن آهي ته اهي خود به ڪجهه سرنگن جو سراغ وڃائي چڪا هجن صفائي جي آپريشن ۾ هيليڪاپٽر سطح آب تي سونار ڇڪيندا آهن خاص غوطا خور پاڻيءَ اندر detection equipment سان ويندا آهن ۽ ڊرون آبدوزيون acoustic survey ڪنديون آهن هي عمل سست آهي منظم آهي، خطرناڪ آهي ۽ انهيءَ وقت تائين شروع ٿي نٿو ٿي سگهي جيستائين جنگ واقعي ختم نه ٿئي چو ته توهان mine clearance divers کي اهڙي آبنائي ۾ نٿا موڪلي سگهو جتي ايراني گن بوٽس صبح جهازن کي قبضي ۾ وٺي رهيون هجن توهان clearance helicopters کي اهڙي combat zone ۾ نٿا هلائي سگهو جتي ايراني Revolutionary Guard جون تيز رفتار ٻيڙيون container ships تي بنا وارننگ جي فائرنگ ڪري رهيون هجن

۽ اهي سرنگون اڪيليون ناهن ايوان نمائندگان جي ميمبر پيٽ ريان هن هفتي تصديق ڪئي ته امريڪا پنهنجن ٽوماهاڪ ڪروز ميزائل جي پوري ذخيري جو هڪ پاڱي تي حصي کان وڌيڪ استعمال ڪري چڪو آهي ۽ پنهنجن THAAD ۽ Patriot interceptor missiles جو اڌ به خرچ ڪري چڪو آهي Tomahawk امريڪا جو بنيادي ڊگهي فاصلي تي مار ڪندڙ هٿيار آهي جنهن جي قيمت في ميزائل ٻه کان ساڍا ٽي ملين ڊالر آهي هي جهازن ۽ آبدوزن مان ڇڏي سگهجي ٿو هي هڪ هزار ميل پري تائين هدف کي نشانو بڻائي سگهي ٿو اِهوئي اهو هٿيار آهي جنهن امريڪا کي اها صلاحيت ڏني ته هو پنهنجن پائلٽن کي خطري ۾ وجهڻ ڪانسواءِ خطرناڪ طاقت استعمال ڪري سگهي امريڪا هن جنگ ۾ اٽڪل سئو پنجاهه کان وڌيڪ ٽوماهاڪ استعمال ڪري چڪو آهي پنهنجي تاريخ جي ڪنهن به جنگي مهم کان وڌيڪ. THAAD جو مطلب آهي Terminal High Altitude Area Defense. اهو انهن بيلسٽڪ ميزائلن کي ڪيرائي ٿو جيڪي ايران ڇڏي رهيو آهي جيڪڏهن امريڪا وٽ THAAD interceptors گهٽ ٿي وڃن ته اتي موجود امريڪي فوجي اڏا ۽ سروس ممبرز ايران جي باقي بچيل ميزائلن جي سامهون وڌيڪ ڪمزور ٿي وڃن ٿا. ياد رهي ته Defense Intelligence Agency تصديق ڪئي آهي ته ايران وٽ پنهنجي بيلسٽڪ ميزائل جو تقريباً پنجاهه سيڪڙو اڃا باقي آهي يعني ايران جا اڌ ميزائل موجود آهن جڏهن ته امريڪا جا بچاءُ وارا ميزائل به پاڱي تي کان به گهٽ بچيا آهن اتر ڪوريا هي حساب لڳائي رهيو آهي چين هي حساب لڳائي رهيو آهي روس هي حساب لڳائي رهيو آهي دنيا جو هر مخالف هي حساب لڳائي رهيو آهي ته امريڪا وٽ هاڻي ڪيترا ٽوماهاڪ باقي آهن بل ڪلنٽن جو چوڻ آهي ته هي ڪو به غير جانبدار بيان ناهي هي military readiness جو بيان آهي ۽ ان جا اثر دنيا جي هر هڪ خطي تي پون ٿا جتي امريڪا کي طاقت ڏيکارڻ جي ضرورت پئجي سگهي ٿي

هاڻي ٽرمپ جي انهن قدمن کي گڏجي ڏسون جيڪي انهن اڄ کيا آهن اوول آفيس ۾ اسرائيل ۽ لبنان جي سفيرن سان ملاقات، جنگبنديءَ ۾ ٽن هفتن جي توسيع ۽ ايران کان حزب الله جي فنڊنگ روڪڻ جو مطالبو اهي سڀ بظاهر امن جي طرف وڌندڙ اشارا آهن مگر جڏهن انهن کي War Powers Resolution جي آئيني حد جيڪا صرف هڪ هفتي ۾ اچڻ واري آهي، وڌندڙ دفاعي خرچن ۽ عوامي بي اعتماديءَ جي پس منظر ۾ ڏسجي ته اهي امن جو نقشو گهٽ ۽ هر طرف کان آيل دٻاءُ کي منهن ڏيڻ جي ڪوشش وڌيڪ لڳن ٿا نه ته ڪنهن حتمي امن جو نقشو

هن جديد دور ۾ ڪنهن ملڪ جي وجود کي مٽائڻ جو خواب!

مير قائم خان ٽالپر

منهنجا نوجوانو اڄ جي هنن حالتن جي تاريخ ته گهڻي پراڻي آهي پر آئون گهڻو مٿي نٿو وڃان، مختصر ڪري اڄ اوهان جي اڳيان پيش ڪريان ٿو ته جيئن اسان جا نوجوان انهن حقيقتن کان واقف هجن. ويٽنام جي جنگ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ پنجن سالن جي ڳالهين جو وقت لڳو، جنوري 1973ع ۾، هڪ مشڪلاتن ۾ گهيريل صدارتي انتظاميه پاران پيرس معاهدي تي دستخط ڪيا ويا، جيڪي 1968ع ۾ شروع ٿيل پنجن سالن جي ڳالهين جو نتيجو هئا. انهيءَ دوران سڀ کان اهم اڳڀرائي هينري ڪسنجر ۽ ويٽ ڪانگ جي نمائندگي ڪندڙ لي ڊڪٿو جي وچ ۾ ٿيندڙ خفيه ڳالهين ۾ ٿي هئي، انهن خفيه ڳالهين جا 68 دور ٿيا هئا، جن جو ذڪر ڪسنجر پنهنجي يادداشتن ۾ ڪيو آهي. انهيءَ مان جيڪا اهم ڳالهه سمجهڻ جهڙي آهي، اها هيءَ آهي ته اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪيتريون پيچيده، مشڪل ۽ ٿڪائيندڙ هونديون آهن. يقيناً، تڏهن ۽ هاڻوڪين حالتن ۾ وڏو فرق آهي، اها جنگ ڪيترن ئي سالن تائين جاري رهي، جنهن ۾ ٻنهي طرفن جا تقريبن ڏهه لک ويڙهاڪ شامل هئا. هزارين ويٽنامي قيدين جو سوين آمريڪي قيدين سان تبادلو ٿيو ۽ انهن ڳالهين ۾ چار ڌريون شامل هيون. هيءَ جنگ هاڻوڪي اجا ڪجهه مهينن کان به گهٽ پراڻي آهي، انهيءَ ۾ ڪا وڏي زميني جنگ ناهي ٿي، ڪو قيدي ناهي ۽ رڳو ٻه ڌريون آهن. جن کي معاهدي لاءِ گڏ ٿيڻو آهي. اِها حقيقت سفارتڪاريءَ کي ڪنهن حد تائين گهٽ پيچيده بڻائي ٿي پر تنهن هوندي به، موجوده ڪم ڪي يا اٿين جوان ته موجوده حالتن کي گهٽ سمجهڻ نه گهرجي. منهنجو بنيادي خدشو يا اٿين جوان ته مون کي لڳي ٿو ته ايرانين اجا تائين هن جنگ ۾ پنهنجي طاقت جو واضح مظاهرو ناهي ڪيو ۽ انهي ڪري شايد آهي اجا ڪنهن معاهدي جي لاءِ تيار ٿي نه آهن. سندن اصل طاقت معاشي آهي، جنهن جو حقيقي اثر اجا اڳيان محسوس ٿيڻو آهي. ممڪن آهي ته اهي چاهين ٿا ته معاهدي جي لاءِ تيار ٿيڻ کان اڳ سندن اثر دنيا جي مارڪيٽن تي پوي، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه هفتا يا مهينا لڳي سگهن ٿا. تيستائين، موجوده صورتحال سندن حق ۾ آهي پر ڏنو وڃي ته معاشي تباهي جي اچڻ جون ڪجهه شروعاتي نشانيون ظاهر ٿيڻ لڳيون آهن. سڄي دنيا ۾ تيل جا ذخيرا ختم ٿيڻ جي ويجهو آهن. سمنڊ ۾ موجود جهازن تي لوڊ تيل تيل، جيڪو پنهنجي منزلن ڏانهن وڃي رهيو آهي، انهيءَ ۾ به گهٽتائي اچي رهي آهي.

گذريل هفتي اسان جي ملڪ ۾ ايل اين جي جي کوٽ سبب سڄي ملڪ ۾ گيس جي ڊگهي لوڊشيڊنگ ڪئي وئي آهي. جيڪا ڪنهن شيءِ جي وجودي کوٽ جي پهرين نشاني آهي پر ملڪ ۾ تيل جي مارڪيٽن کي حڪومت جي بروقت قيمتن جي فيصلن ۽ تيل سان مالامال دوستن جي مدد سان هلايو پيو وڃي، جن يقيني بڻايو آهي ته پاڪستان ايندڙ جهازن کي ينبوع ۽ فجيره جهڙن بندرگاهن تان تيل ملندو رهي بنگلاديش کي پنهنجن پنجن مان چار فرٽيلائيزر پلانٽ بند ڪرڻا پيا آهن ته جيئن اها گئس بجلي جي پيداوار جي لاءِ استعمال ڪري سگهجي. پيٽرول پمپن تي 1.5 ڪلو ميٽر تائين ڊگهيون قطارون لڳي رهيون آهن ۽ هن هفتي انهن قطارن ۾ تيل حاصل ڪرڻ جي تڪرار تي جهيڙن ۾ پهريون پيرو موت ٿيڻ تائين به واقعا ٿيا آهن. سريلنڪا پنهنجي ڊيفالٽ ڪانپوءِ وارو QR ڪوڊ اسڪيم ٻيهر شروع ڪيو آهي ته جيئن تيل کي راشن (ration) تي ڏئي سگهجي. ايشيا جي ٻين ملڪن ۾ به صورتحال خراب آهي ۽ اڳتي وڌيڪ خراب ٿيندي نظر اچي رهي آهي. ٿائيلينڊ ۾ اسمگلنگ وڌي وئي آهي ۽ يورپ ۾ جيٽ فيول يعني جهازن جي تيل جا ذخيرا تيزيءَ سان گهٽجي رهيا آهن. هيستائين جنگ جا اثر رڳو تيل جي مارڪيٽ ۾ قيمتن تائين هئا پر هاڻي اسان انهيءَ مرحلي ۾ داخل ٿي رهيا آهيون جتي تيل جي وجودي کوٽ شروع ٿيندي، تڏهن اسان وٽ به اصل بحران شروع ٿيندو، هيءُ اهو وقت آهي جنهن جو شايد ايراني انتظار ڪري رهيا آهن ۽ سندن خيال آهي ته وقت سان گڏ صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي بيچيني وڌندي، جڏهن ته ايراني مشڪلاتون برداشت ڪرڻ جا عادي آهن. ڇا ٽرمپ ۽ سندس ووٽر اها معاشي تڪليف برداشت ڪرڻ جي لاءِ تيار آهن؟ ايرانين جو مقصد شايد آمريڪا کي اهڙي صورتحال ڏانهن ڌڪڻ آهي.

منهنجا پڙهندڙ نوجوانو مون کي ڏسڻ ۾ آمريڪا کي ايترو تيزيءَ سان ۽ فيصلائتي انداز ۾ جنگ هارائيندي ناهي ڏٺو هن جنگ کي ختم ڪرڻ جي سفارتڪاري تڏهن ڪامياب ٿيندي جڏهن آمريڪي انتظاميه کي انهيءَ حقيقت جو احساس ٿيندو. هاڻي اهو ڪو راز ناهي ته ٽرمپ پنهنجي مخالف کان وڌيڪ هن جنگ مان نڪرڻ چاهي ٿو پر انهيءَ جي لاءِ کيس ڪسنجر وانگر اسٽريٽجڪ رعايتون ڏيڻيون پونديون ۽ وچ اوڀر مان پنهنجي نڪرڻ جي تياري ڪرڻي پوندي. هتي آئون ٿورو وچ اوڀر جي ويجهي حقيقت اوهان جي اڳيان رکان ٿو شيخ شخبوط بن سلطان آل نهيان جي حقيقت اوهان جي اڳيان رکان ٿو شيخ شخبوط بن سلطان آل نهيان کي بئنڪن کان تمام گهڻو ڊپ لڳندو هو. شيخ شخبوط ابوظهبي جو حڪمران هو. جنهن کي 6 آگسٽ 1966ع تي سندس ننڍي ڀاءُ شيخ زيد بن سلطان آل نهيان ذريعي هٽايو ويو بلڪل ايراني شاهه جي وزيراعظم مصدق جيان. ابوظهبي جي اها بغاوت به برطانيه جي سڌي سنئين سهڪار سان ڪئي وئي هئي. شيخ شخبوط کي پنهنجي ئي خاندان ۽ برطانوي حڪومت جي اتحاد ذريعي هڪ عجيب سبب جي ڪري هٽايو ويو. 1958ع ۾ تيل جي دريافت ڪانپوءِ ابوظهبي وٽ تمام گهڻي دولت اچڻ لڳي پر شخبوط انهيءَ دولت کي رياست جي مغربي طرز تي ترقي جي لاءِ خرچ ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. هو بئنڪن تي اعتبار نه ڪندو هو. بئنڪن جي باري ۾ ايترو ته بي اعتبار هو جو چيو وڃي ٿو ته هُو رياست جو پئسو پنهنجي بستري جي هيٺان دٻي ۾ رکندو هو. سندس تقدير جو فيصلو جلد ئي ٿي ويو، شيخ زيد ابوظهبي جو حڪمران بڻيو ۽ 1971ع ۾ يو اي اِي جو باني صدر بڻيو موجوده صدر جنهن ابراهيمي معاهدي ۾ شموليت اختيار ڪئي آهي. ايران جي تباهي جو سڀ کان وڏو حامي بڻجي ويو آهي. ڇهه خليجي رياستون ڪويت، سعودي عرب، قطر، بحرين، يو اي اِي ۽ عمان اڪثر ڪري شيعا ايران جي مقابلي ۾ سني رقيبن طور پيش ڪيون وڃن ٿيون، جيڪا هڪ گمراهه ڪندڙ ۽ غلط تشريح آهي. آهي ڇهه ملڪ اصل ۾ گلف ڪوآپريشن ڪائونسل (GCC) ۾ انهيءَ ڪري گڏ ڪيا ويا هئا ته جيئن سني حڪمرانن جي قيادت ۾ روس نواز بعثي عراق جو مقابلو ڪري سگهجي. اهو 1990ع جو سال هو جڏهن جي سي سي پاران صدام حسين جي خلاف اسرائيل جو ساٿ ڏيڻ جا ٻج پوکيا ويا هئا. جي سي سي ميمبر هڪ ٻئي جي خلاف به وڙهندا رهيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ 1980ع واري ڏهاڪي ۾ شارجه ۾ هڪ ناڪام بغاوت ٿي هئي. سعودي عرب جو بنيادي نشانو ڪويت هو جتي هڪ نئين پارليامينٽ قائم ٿي رهي هئي، جيڪا خليجي حڪمرانن جي لاءِ خطرو هئي. صورتحال انهيءَ وقت وڌيڪ خراب ٿي وئي جڏهن ملڪ ۾ فلسطيني قوم پرستن جي وڏي انگ ۾ موجودگي هئي. جيڪڏهن عراق ڪويت تي حملو نه ڪري ها ته اهو حملو سعودي ڪري ها. اها حقيقت آهي يا هڪ ڪهاڻي پر گهٽ ۾ گهٽ اها ئي ڪهاڻي مشهور آهي. اِها ئي ڪاوڙ هئي جنهن کي بغداد ۾ آمريڪي سفير اپريل گلاسپي استعمال ڪيو ته جيئن صدام حسين کي ڪويت تي حملي جي لاءِ ڀڙڪائي سگهجي. نتيجو ڇا نڪتو؟ سوويت يونين جي خاتمي ڪانپوءِ پهرين روس نواز رياست جو زوال ٿيو انهيءَ ڪانپوءِ ليبيا، شام، يمن ۽ فلسطين جو نمبر آيو. هر اهڙي بحران ڪانپوءِ فوجي خرچن ۽ نقصانن جو پئسو ڪنهن ڀريو؟ جي سي سي رياستن کي پنهنجا پيٽرو ڊالر ڪم تي لڳائڻا پيا. جڏهن به ڪنهن رياست پنهنجي حد کان وڌڻ جي ڪوشش ڪئي، جهڙوڪ ڪويت جڏهن برطانيه جي معاشي بحران دوران برٽش پيٽروليم جا 20 سيڪڙو کان وڌيڪ شيئرز خريد ڪيا ته مارگريٽ ٿيچر کين فوري طور تي اهي واپس ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. ايران جي جنگ هڪ نئون مفروضو سامهون آڻي ڇڏيو آهي، جنهن کي ڪنهن به پيري ميسن جي لاءِ حل ڪرڻ مشڪل هوندو. ڪجهه سمجهن ٿا ته ايران کٽي رهيو آهي پر اهو تسليم ڪرڻ نٿا چاهين ته آمريڪا هارائي رهيو آهي.

ياد رکو منهنجا نوجوانو جي سي سي جي ڪهاڻي اڃا لڪيل آهي جڏهن ته گڏوگڏ پڻ پيٽرو ڊالر جو مستقبل به. بهرحال جيڪڏهن ايران هر نقصان جي باوجود پنهنجن شرطن تي آمريڪا کان جنگ بند ڪرائي وڃي ٿو ته پوءِ تاريخ ايران کي هن جنگ جو فاتح تسليم ڪندي ۽ صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ سندس ساٿي بنجمن نتن ياهو کي ايران جي وجود کي مٽائڻ جا خواب ڏسڻ ڇڏي ڏيڻا پوندا!

اڄوڪو ڏينهن - 25 اپريل

مختيار انڙ

قادر بخش شاهه



اڄ مشهور تعليمي ماهر سيد قادر بخش شاهه جي جنم جو ڏينهن آهي ڪيس قادن شاهه جي نالي سان به ياد ڪيو وڃي ٿو سندس ولادت 25 اپريل 1927ع تي نيو سعيدآباد ويجهو ڳوٺ امين لاکي ۾ ٿي هو مشهور سائنسدان سيد وڏل شاهه جو ڀاءُ هو هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ هڪ استاد طور مختلف اسڪولن ۾ پڙهايو هو هڪ سنوحڪيم پڻ هو اڳتي هلي ايم اي (سنڌي) جي سند به حاصل ڪيائين هن محمد اسماعيل عرساڻي ۽ ٻين ماهرن سان گڏجي بي ايڊ لاءِ سنڌي نصاب تيار ڪيو ۽ تمرفقير جي ڪلام تي هڪ مونوگراف به لکيو هن 1981ع ۾ وفات ڪئي

پروفيسر محمد حاجن شيخ

هن ناليواري تعليمي ماهر، محقق ۽ ديني عالم جو جنم 25 اپريل 1933ع ۾ هالا پراڻا ۾ ٿيو اِجا ننڍو ئي هو جو سندس ڪٽنب مٽياريءَ ۾ وڃي آباد ٿيو انڪري سندس زندگيءَ جو گهڻو حصو مٽياريءَ ۾ گذريو هن بي اي، ايم اي (سنڌي)، ايم اي (اسلاميات) ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيون ۽ تدريس جهڙي عظيم پيشي سان لاڳاپيل رهيو هن تعليم کاتي ۾ پروفيسر ۽ پرنسپال طور خدمتون سرانجام ڏنيون سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ به پروفيسر طور ڪم ڪيائين هن ڪيترائي قيمتي ڪتاب لکيا، جن ۾ "اسلام جي تبليغ" (ٽي ڀاڱا)، "مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي سوانح" (انگريزيءَ ۾)، "اسلام جي اشاعت جي تاريخ" ۽ "اسان جو پيارو دين" شامل آهن هن ڪجهه سال پهرين مٽياريءَ ۾ وفات ڪئي

حسين بخش سخيراڻي

اڄ مشهور راڳيءَ حسين بخش سخيراڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي ۽ هن جو

مظهر ابڙو



اڄ مشهور ليکڪ مظهر ابڙي جي جنم جو ڏينهن آهي ادبي دنيا ۾ هو هڪ ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ناٽڪ نويس ۽ شاعر طور سڃاتو وڃي ٿو. هن جو جنم 25 اپريل 1971ع تي خيرپورميرس ضلعي جي ڳوٺ ڪولاب جيئل ۾ منظور حسين ابڙي جي گهر ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي مئٽرڪ جو امتحان ڪامريهينسو هاءِ اسڪول خيرپور مان پاس ڪيائين اڳتي هلي ايم اي (سنڌي ادب) ۽ ايم اي (اقتصاديات) جون سندون حاصل ڪيائين پيشي جي لحاظ کان هو تعليم کاتي ۾ ڪاليج جي استاد طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي هن 1987ع ۾ هڪ شاعر طور ادبي دنيا ۾ پير پاتو پر بعد ۾ هڪ ڪهاڻيڪار طور مشهور ٿيو هن مختلف ٽي وي چئنلس لاءِ ڊراما پڻ لکيا آهن سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "ڳرٽيءَ تي وڪريل تاندا" (ڪهاڻيون)، "خواب ڪوٽا سڪا" (ڪهاڻيون)، "سرد خاني ۾ رکيل خواب" (ڪهاڻيون)، "سڪل نديءَ جا نشان" (ڪهاڻيون) ۽ "درد جي آسپاس" (شاعري) شامل آهن هن به ناول "جيون اجاڙ رستا" ۽ "خوابن جو سفر" پڻ لکيا آهن

سائين جي ايم سيد



اڄ سنڌ جي قوم پرست سياستدان سائين جي ايم سيد جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي پاڻ هڪ سياستدان هجڻ سان گڏ هڪ وڏو دانشور، مفڪر ۽ اديب پڻ هو جي ايم سيد جو پورو نالو سيد غلام مرتضيٰ شاهه ولد محمد شاهه هو سندن جنم 17 جنوري 1904ع تي جامشوري ضلعي جي شهر سن ۾ ٿيو هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات 1920ع ۾ خلافت تحريڪ رهي، جي ايم سيد انهيءَ ۾ سرگرميءَ سان ڀرپور ورتو خلافت تحريڪ جي خاتمي کان پوءِ پاڻ مختلف سياسي عهدن تي ڪم ڪيائين جن ۾ تعلقي لوڪل بورڊ مانجهند جو صدر، ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو چيئرمين ڪانگريس ڪاميٽي سنڌ جو صدر ۽ ضلعي لوڪل بورڊ دادوءَ جو نائب صدر وغيره شامل آهن جي ايم سيد سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ ڪانپوءِ 1937ع ۾ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو 1938ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ساڳئي ئي سال شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ۽ جي ايم سيد جي ڪوشش سان سنڌ مسلم ليگ جو اجلاس ڪوٺايو ويو، جنهن جي صدارت قائداعظم محمد علي جناح ڪئي انهيءَ اجلاس ۾ مسلمانن جي آزاد رياستن تي مشتمل ملڪ ناهڻ جو ٺهراءُ منظور ٿيو 1940ع ۾ ڪين سنڌ جي تعليم، انڊسٽري، ليبر ۽ ٻيلي کاتي جو وزير چونڊيو ويو 1942ع ۾ سنڌ مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ويو 1946ع ۾ مسلم ليگ مان استعيفا ڏئي پروگريسو مسلم ليگ جو بنياد وڌائين پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪراچيءَ کي توڙي مرڪز حوالي ڪيو ويو سائين جي ايم سيد انهيءَ سازش جي مخالفت ڪئي جنهن ڪري ڪيس ٽن مهينن لاءِ نظربند ڪيو ويو اهڙيءَ طرح جي ايم سيد پاڪستان جو پهريون سياسي قيدي ٿيو اڳتي هلي جڏهن سنڌ اسيمبليءَ مان ون يونٽ جي حق ۾ ٺهراءُ پاس ٿيو ته جي ايم سيد انهيءَ جي شديد مخالفت ڪئي جنهن ڪري کيس ڇهن مهينن لاءِ جيل موڪليو ويو پاڻ ون يونٽ خلاف جدوجهد ۾ ٻين سياستدانن کان هميشه اڳيرو رهيو، ان ڪري وقت جي حڪمرانن جولاءِ 1967ع کان 1968ع جي آخر تائين کين نظربند رکيو.

محمد صديق پرهياڙ

محمد صديق پرهياڙ اسڪول جو استاد هجڻ سان گڏ هڪ نامور ناٽڪ نويس، اسٽيج ڊرامن جو پيشڪار ۽ اديب هو اڄ سندس ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن ڳوٺ گنهور پرهياڙ، تعلقي قاضي احمد ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ 1936ع ڌاري پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪرڻ سان گڏ هڪ مقامي مدرسي مان قرآن شريف، فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين 1956ع ۾ پرائمري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو ۽ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ٽيچرس ايسوسيئيشن جو سرگرم ميمبر ۽ عهديدار رهيو هن کي اسٽيج ناٽڪن سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي رهي 1957ع ۾ مرزا قليچ بيگ جو لکيل ناٽڪ "ليليٰ مجنون" اسٽيج تي پيش ڪيائين هن موري ۾ شاهه عبداللطيف آرٽس ڪائونسل نالي هڪ ناٽڪ منڊلي قائم ڪري سوين ڊراما پيش ڪيا انهن ڊرامن ۾ هن هڪ صداڪار، اداڪار ۽ هدايتڪار طور ڪم ڪيو هو هڪ اعليٰ پائي جو ڊراما نويس پڻ هو ۽ 200 کان وڌيڪ ڊراما تحرير ڪيائين هو سنڌي ادبي سنگت سان پڻ سلهاڙيل رهيو ۽ انهيءَ سنگت جي موري شاخ جو جنرل سيڪريٽري به رهيو محمد صديق 25 اپريل 2008 تي هن فاني دنيا جي اسٽيج تان هميشه لاءِ موڪلايو.

ڪلثوم سلطان

اڄ ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي مشهور اداڪاره ڪلثوم سلطان جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن ناليواري اداڪاره جو جنم 1950ع ڌاري قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي شهر قمبر جي هڪ سيد گهراڻي ۾ ٿيو البت سندس ننڍپڻ ڪراچيءَ ۾ گذريو، جتي سندس پيءُ هڪ سرڪاري ملازم هو سلطان بيگ سان شادي ٿيڻ کان پوءِ هوءَ حيدرآباد ۾ رهڻ لڳي هن پنهنجي فني زندگيءَ جي شروعات ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي هڪ صداڪار طور ڪئي اڳتي هلي پاڪستان ٽيليويزن سينٽر ڪراچيءَ جي سنڌي ۽ اردو ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ

بقايا | 1 | هڪ زخمي

سنجھورو جي تعلقه اسپتال آندو ويو جتي زخمي جو ابتدائي علاج ڪرڻ بعد ڪيس حيدرآباد منتقل ڪيو ويو۽ فوتي جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪري ضروري ڪاروائي ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي ماڻهن کان ملڻ بعد ٿي ڳوٺ وڃي رهيو هو جتي سائنس موٽر سائيڪل ڦر ڦيٺ جو واقعو پيش آيو مذاحمت ڪرڻ تي گوليون هٽي ڪيس زخمي ڪيو ويو رستي تي ايندي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آخري اطلاعن تائين ڪو به ڪيس وغيرا داخل نه ٿي سگھيو

بقايا | 2 | 12ڄڻا زخمي

جن کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا | 3 | جي دعويٰ

پرسان بن منشيات فروشن کي 6 ڪلو چرس ، 2 عدد ٽي ٽي پسٽل سميت گرفتار ڪري ورتو ، جنهن ۾ مزاحمت ڪرڻ تي پوليس جي مبينا مقابلي ۾ علي اصغر لغاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ساٿي انو لغاري کي پوليس سوگھو ڪري ورتو ، گرفتار ڪيل جوابدارن خلاف سٽي ٿاڻي تي منشيات حدود آرڊيننس تحت 6 ڪلو چرس ، 2 عدد ٽي ٽي پسٽل سميت گرفتار ڪري ايف آءِ آر داخل ڪري ورتي آهي ، ٻي طرف ايس ايس پي ڪندو محمد خان حسيب جاويد سومار ميمڻ جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر ۾ ڊي ايس پيز ، ايس ايچ اوز جو گڏيل اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ علائقي جي اندر وڌندڙ بدامني ۽ منشيات جي ڪاروبار جي عوامي شڪايتن تي فوري طور آپريشن شروع ڪري بدامني جو خاتمو ۽ منشيات کي مڪمل بند ڪرائڻ تي زور ڀريو ويو جنهن ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته جنهن به علائقي مان بدامني ۽ منشيات جي وڪري بابت شڪايت ملي ته علائقي ۾ ٿاڻي جي مقرر ٿيل ايس ايچ او ۽ ٻين اهلڪارن خلاف پڻ ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا | 4 | پوليس حوالي

ريمانڊ گهرڻ ۾ عدالت جوابدارن کي 4 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ ڏئي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو واضح رهي ته ڪجھ ڏينهن اڳ 20 ورهين جي خالده عرف روبينه چانديو کي ڪارو ڪاري جو الزام لڳائي ڪندو مستي پرسان ڳوٺ ٻنو چانديو ۾ قتل ڪيو ويو هو ڪندو مستي پوليس 5 سڃاتل ماڻهن سميت 18 ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪيو هو ۽ پوليس ڪيس ۾ رڳو ٽن ماڻهن جي گرفتاري ظاهر ڪئي آهي انهن مان هڪ جوابدار قيصر چانديو قتل جو اعتراف ڪيو جنهن تي عدالت ڪيس سينٽرل جيل موڪلي ڇڏيو جڏهن ته ٻه جوابدار پوليس جي تحويل ۾ آهن پوليس ذريعن موجب واقعي ۾ ملوث ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپن جو سلسلو جاري آهي ۽ ڪيس جي شفاف جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا | 5 | تدفين

علي قل محرم قل وقار قل عبدالرحيم قل ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جنازي نماز بعد سوين آلين اکين سان نينگري کي اباڻي قبرستان ۾ دفنايو ويو جڏهن ته وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي ايس ايس پي خيرپور امير مسعود مگسي ڪڙاهه پهچي نينگري جي وارثن سان تعزيت ڪئي

بقايا | 6 | انصاف جو مطالبو

40 جريب زمين تي ناجائز قبضو ڪري ڇڏيو آهي متاثر ماڻهو چيو ته هو غريب آهن ۽ سندن گذر سفر جو واحد ذريعو اها زمين آهي پر بااثر ماڻهن طاقت جي زور تي سندن حق کسيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته ڪيترائي ڀيرا اختيارين وٽ داٺهن ڪئي آهي پر اڃا تائين ڪين انصاف ناهي مليو احتجاج ڪندڙن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري نوٽيس وٺي زمين واپس ڪرائي وڃي ۽ ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

منگي، فقير ميهر ٻھڻ ممتاز سولنگي شاهد چنه امجد ميمڻ ۽ خادم حسين سيال چونڊجي ويا

بقايا | 8 | سگھيو

کي زخمي ڪرڻ واري واقعي جو اڃا تائين ڪيس داخل نه ڪيو ويو آهي جڏهن ته ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي دعوا ڪئي هئي ته ايس ايچ او ڪنڊڙا شوڪت آرائين کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ ان خلاف ڪيس داخل ڪيو ويندو ليڪن اڃا تائين ان واقعي جو ڪيس داخل نه ڪيو ويو آهي جڏهن ته مارجي ويل صدرالدين ڏاريجو ۽ ضامن علي ڏاريجو تي ڪو به ڪرمنل ڪيس داخل ٿيڻ جو ثبوت نه مليو آهي ٻي طرف ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي ڏرون حملي ۾ مارجي ويلن جي ڳوٺ پهتو ۽ پوئين سان تعزيت ڪئي ۽ چيو ته منهنجون همدرديون توهان سان آهن

بقايا | 9 | ڊائريڪٽر مقرر

ڪيو ويو آهي، جڏهن ته فراز احمد شيخ کي ڊائريڪٽر طور شامل ڪيو ويو آهي فراز احمد شيخ پاڪستان پيپلز پارٽي لاڙڪاڻو ڊويزن جو انفارميشن سيڪريٽري ۽ ايم پي اي شڪارپور امتياز احمد شيخ جو فرزند آهي جنهن جي مقرري کي مقامي سطح تي اهم اڳڀرائي قرار ڏنو پيو وڃي

بقايا | 10 | ڪنٽرول روم قائم

آگاهي ۽ اسپري مهم شروع ڪئي وئي آهي ته جيئن وڌيڪ جاني نقصان کان بچي سگهجي ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر سانگھڙ ساره جاويد جي صدارت هيٺ هڪ اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ صحت، لائيو اسٽاڪ، لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي ۽ صورتحال جو جائزو ورتو ويو. گڏجاڻي دوران ضلعي صحت آفيسر (ڊي ايڇ او) ڊاڪٽر محمد فاروق آرائين ڪانگو وائرس بابت تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته هي وائرس خاص طور جانورن مان انسانن ۾ منتقل ٿئي ٿو جنهن جون اهم علامتون تيز بخار، جسم ۾ سور، الٽي ۽ رت وهڻ شامل آهن.

بقايا | 11 | مطالبو

ملاح امين ملاح ۽ ٻين لاڙڪاڻي ۾ اسان خلاف نيپاڻي جي اغوا جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي وحيده وڌيڪ چيو ته لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي جاڳهه وڪرو ڪئي هئي، جنهن جا چوڏهن لک روپيا زوهيب ۽ ٻين چوري ڪري ورتا آهن ان موقعي تي مائره ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مونکي ڪنهن به اغوا نه ڪيو آهي مان پنهنجي مرضي سان پنهنجي والدين سان گڏ آئي آهيان احتجاج ڪندڙن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته رقم واپس ڪرائي وڃي، مونکي زوهيب کان طلاق ڏيارڻ ۾ مدد ڪئي وڃي ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا | 12 | گھر سڙي رک

پڪڙجي وئي جو ڪجھ ئي لمحن ۾ گھرن ۾ پيل سمورو سامان فرنيچر لباس اناج ۽ ٻهه سميت لکين رپين جو سامان سڙي رک ٿي ويو ٽي ڪلاڪ گذرڻ باوجود باهه تي ضابطو نه اچي سگھيو ڳوٺاڻن وڌيڪ چيو ته ٽائون ڪاميٽي سوڀوديرو جي چيئرمين اعجاز احمد کهڙو کي مسلسل ڪالون ڪندا رهياسين ليڪن هن ڪال اٽينڊ نه ڪئي فائر برگيڊ نه پهچڻ سبب تمام گھڻو نقصان ٿيو آهي متاثر خاندانن ڊي سي خيرپور ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته سندن مالي سهائتا ڪئي وڃي ته جيئن هو پنهنجو گھر ٻيهر ٺاهي سگھن

